ڊاڪٽر شازيہ پتافي

# شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ پورهيتن جي ٻوليءَ جو جائزو


**Abstract:**

*Shah Abdul Latif Bhittai is a celebrated mystic poet and saint of Sindh. His poetry is dedicated to the common men of Sindh. This is not only held in high esteem but is also adored. Such an exalted status is seldom achieved by any poet as by Shah Sahib. How is a poet exalted to such status? Several factors are responsible for that, the most important being his affiliation with his country men; he owns their affection and joys and expresses them in their accent. As dialect of a language varies from area to area, in the same way the dialect of different social groups also vary, certain terminologies attached to different occupations are used by the professional of particular occupation. Thus a clear difference is observed in the accent of the people, who despite living in the same social background, render different occupation. Shah Sahib has recited his poetry in the language of various occupation holders of his country like fisherman, cattle grazers, washer-man, potters, weavers, butchers and folk Singers etc.*


**هر سنڌي** ٻولي سمجهندڙ ۽ ڳالهائيندڙ، سنڌي ادب جو وسيع مطالعو رکندڙ، مقامي يا غير مقامي عالم جهڙوڪ: ڊاڪٽر سورلي، ارنيسٽ ٽرمپ، اينيمري شمل، جرڊ لپڪي وغيره ان ڳالهہ تي متفق آهن تہ شاهہ سائين، عوامي ۽ عالمي شاعر آهي. اهو مقام صدين ۾ ڪنهن شاعر کي نصيب ٿيندو آهي. ان مقام تائين پهچڻ جا ڪيترائي سبب ٿي سگهن ٿا، سڀ کان اهم سبب، ان شاعر جي عوام يعني پنهنجي ڌرتيءَ جي عام ماڻهن سان محبت ۽ وابستگي آهي. سندن درد کي پنهنجو درد سمجهي، سندن خوشي ۽ ڏک ۾ شريڪ ٿي، ان جو سندن ٻولي ۽ لهجي ۾ اظهار ڪرڻ آهي. ايئن ڪرڻ سان نہ صرف عام ماڻهن جي جذبن جي صحيح ترجماني ٿئي ٿي، پر ٻوليءَ جو بہ اصلي روپ سامهون اچي ٿو، چاڪاڻ تہ، بقول اسڪاٽ، 'عام ماڻهو ئي ٻوليءَ جو خالق ۽ سنڀاليندڙ آهي.'

> "The real makers of a language are those who use it to express their thoughts rather than those who attempt to dictate its form."(1)





[ٻوليءَ جا اصل معمار اهي آهن، جيڪي ڪيس پنهنجي سوچ جي اظهار لاءِ استعمال ڪن ٿا، نہ اهي جيڪي سندس ساخت جي باري ۾ هدايتون ڏيڻ جي ڪوشش ڪن ٿا.]

جيئن علائقي جي تبديليءَ سان ٻوليءَ ۾ ڪجهہ تبديليون اچن ٿيون، تيئن مختلف سماجي گروهن جي ٻولي بہ مختلف هوندي آهي. ان سان گڏ هر پيشي/ ڪم جي لفظن جو ذخيرو (Terminology) پنهنجو هوندو آهي، جيڪو ان ڌنڌي سان لاڳاپيل ماڻهو استعمال ڪندا آهن. ان ڪري هڪڙي ئي سماج ۾ رهندي، هڪ ئي ٻولي ڳالهائيندڙ ماڻهن جي ٻوليءَ ۾ گهڻو فرق نظر ايندو آهي. بقول ڪيرول:

> "We observe that people speak in different styles and that they differ in their ability to use language."(2)

[اسان جو مشاهدو آهي تہ ماڻهو مختلف طريقن سان ڳالهائيندا آهن، ۽ سندن ٻوليءَ کي استعمال ڪرڻ جي قابليت مختلف هوندي آهي.]

سيني طبقن جي ٻوليءَ کي ڄاڻڻ، سمجهڻ، ان کي پنهنجو بڻائي، ان ۾ ادب تخليق ڪرڻ ڪنهن ڪمال کان گهٽ نہ آهي، جيڪو ماڻهو ان ڪمال تائين پهچي ٿو، اهوئي هردلعزيز بڻجي ٿو.

شاهہ سائين، سنڌ جي عام ماڻهن منجهان هو، ۽ انهن جي روزمره جي زندگيءَ جي عملن، انهن رهڻي، ڪهڻي ۽ ڪرٽي سان واقف هو. انهيءَ ڪري شاهہ صاحب لاءِ انهن جي ٻوليءَ ۾ شاعري ڪرڻ ان ڪري ممڪن ٿيو، جو پاڻ ڪنهن برتريءَ يا وڏائيءَ جي احساس ۾ نہ رهيو. هو ڪڙيءَ کهہ لڱل جو همدرد ۽ همراز بڻيو، ڪکيءَ هاٽن جي بدبوءِ ڪيس انهن کان پري نہ ڪري سگهي ۽ نہ وري پاڻ ڪنهن مذهبي مت ڀيد ۾ رهيو. بقول ڊاڪٽر الانا:

> "لطيف سائين هڪ عوامي شاعر هو. هن عوامي ٻوليءَ ۾ پنهنجو ڪلام چيو آهي. جيتوڻيڪ سندس ڪچهريون ۽ بيٺڪون ان وقت جي وڏن وڏن عالمن، فاضلن ۽ اڪابرن سان بہ ٿينديون هيون، پر پاڻ پنهنجو ڪلام اُن ٻوليءَ ۾ چيو اٿن، جا واهڻ، وستين ۽ ڳوٺن جي عام ماڻهن، جهانگين ۽ سانگين جي ٻولي آهي، جا ان وقت عام استعمال واري ۽ روزمره جي زبان هئي."(3)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جڏهن ته، ان زماني ۾ شاعري بادشاهن جي ڪارنامن ۽ شهزادن جي قصن ڪي بيان ڪرڻ جو نالو هو. ٻولي به اهائي ٺاهه ٺُوهه واري استعمال ڪئي ويندي هئي. پورهيت طبقي کي گهٽ سمجهيو ويندو هو. ڪين سندن پورهئي جي ڪري سماجي طور هيٺين درجي جي ماڻهن ۾ شمار ڪيو ويندو هو. مثال طور: واڍا، موچي، ڪوري، ڪنڀار، مڱڻهار، مهاڻا وغيره ذاتين تي نالا سندن ڪم جي نسبت سان ڏنا ويا آهن، جنهن ۾ ڪا گهٽتائي به نه آهي، پر انهيءَ محنت مزدوريءَ واري ڪم جي ڪري ڪين سماجي طور هيٺين درجي وارا سمجهيا ويا، جيڪو ايئن سمجهڻ غلط ۽ افسوسناڪ آهي. اها صورتحال صرف سنڌ جي نه هئي، سڄي دنيا ۾ اهڙا طبقا رهيا آهن. اها اڻبرابري معاشي سببن جي ڪري پيدا ٿي، جيڪا نسلي صورت اختيار ڪري وئي. شاهه لطيف جي دؤر ۾ دنيا جي شاعريءَ ۾ شايد ئي ڪو اهڙو شاعر هوندو، جنهن شاهه سائين وانگر عمر بادشاهه جي دٻدٻي کي ڇڏي، مارئيءَ جي سڄڻ ۽ ساٿيه لاءِ سِڪ کي ساراهيو هجي، جنهن تماچيءَ جي تاج کان وڌيڪ نوريءَ جي نياز کي ڳايو هجي. ڊاڪٽر تنوير عباسي ان دؤر جي شاعريءَ جو ذڪر ڪندي لکي ٿو ته، اها عام ماڻهوءَ جي سمجهه کان مٿي هئي.

”شاهه لطيف جي دؤر (ارڙهين صديءَ جي وچ) تائين مغربي ادب ۾ پڻ عام ماڻهوءَ جي ٻوليءَ ۾ شعر چوڻ يا عام ماڻهوءَ جي باري ۾ لکڻ جو تصور ئي پيدا نه ٿيو هو. ان وقت تائين اوپر توڙي اولهه ۾ شاعري مٿاهين يا وچولي طبقي جي لاءِ هئي. شاعر جي هڪ خاص ٻولي هئي، جيڪا عام ماڻهوءَ جي سمجهه کان مٿي، فقط پڙهيل ۽ مٿانهين طبقي جي سمجهه لائق هئي. شاعريءَ لاءِ تشبيهون ۽ استعارا پڻ انهن ئي طبقن جي ماحول ۽ زندگيءَ مان چونڊيا ويندا هئا.“[4]

سنڌي شاعري متعلق ڊاڪٽر تنوير عباسي لکي ٿو:

”عام ماڻهو ۽ پورهيت طبقي جي ٻوليءَ، ماحول، توڙي جذبن کي شاعريءَ ۾ استعمال ڪرڻ واري نظريي جي خيال کان سنڌي شاعري مغربي شاعريءَ کان گهڻو اڳتي آهي. لوڪ ادب جي دؤر کان پوءِ اسان جا سنڌي شاعر ئي آهن، جن پنهنجي ملڪ جي





مسڪين ماڻهن کي ان لائق سمجهيو، جو هو شعر جو موضوع ٿي سگهن ۽ هنن جي نماڻي ۽ ننڍڙي پر رنگين، سادن سچن جذبن سان پريل دنيا شاعرن جي شعر ۾ سمائجي سگهي.“[5]

بقول ٽي-ايس ايليٽ:

”اها طئه شده ڳالهه آهي ته، ماڻهو پنهنجي ٻوليءَ جي شاعريءَ ۾ ئي پنهنجا سڀ کان شديد احساس ظاهر ڪري سگهن ٿا. هڪ قوم جي ماڻهن ۾، نفيس ترين ۽ پيچيده ترين جذبا توڙي سادا ۽ اڻ گهڙيل جذبا ڪا نه ڪا هڪ جهڙائي رکن ٿا، جيڪا ٻيءَ ٻوليءَ جي ماڻهن جي ساڳئي طبقي ۾ نٿي ملي سگهي، ان ڪري عظيم شاعر کي پنهنجي هم وطنن لاءِ ۽ هم وطنن جي هر ذهني سطح لاءِ لکڻو آهي.“[6]

شاهه سائين، پنهنجي هم وطنن جي نفسياتي ۽ سماجي انفراديت کان چڱي طرح واقف هو. ڪيس پنهنجي قوم جي اجتماعي نفسيات (Collective Psychology) جي ڄاڻ هئڻ سبب، سندس ڪلام هر طبقي جي نمائندگي ڪري ٿو.

شاهه سائين، عام ماڻهن جي ٻوليءَ ۾ شاعري ان ڪري ڪري سگهيو، جو هن خود عام ماڻهوءَ جي زندگي گذاري، سير ۽ سفر ڪيائين. ماڻهن کي پورهئي سان پيار ڪندي ڏٺائين، بقول ڊاڪٽر الانا:

”شاهه صاحب نه صرف ڏار ڏار خِطن ۾ رائج لفظ پنهنجي ڪلام ۾ ڪم آندا ۽ انهن جي مدد سان سنڌ جي، سماجي حالتن جو ذڪر ڪيو، پر هن جدا جدا ڪِرت ڪندڙن ۽ پيشه وَر ماڻهن جي سماج ۽ ماحول ۾ رائج ٻولي ڪم آڻي، پنهنجي رسالي جي جدا جدا سُرن ۾، اُن سماج جي عڪاسي ڪئي. مثال طور: هن پنهنجي رسالي ۾ صرافن، لوهارن، وينجهارن، سونارن، رنگريزن، ڪورين، ڪَٽين، ڪاتارن، سانگين، جهانگين، مهاڻن، ميربحرن، حڪيمن، طبيبن، ڪاتبن، ساموندين، جوڳين، سامين، اوٺين ۽ ڌوٿين وغيره جي سماج ۾ ڪم ايندڙ ٻولي ۽ اُن جا لفظ ڪم آندا آهن.“[7]

علامه آءِ. آءِ. قاضي صاحب، شاهه سائين جي شاعريءَ کي تنقيد جي عالمي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

معيارن مطابق پرکيو آهي. ڪيس دنيا جي ادب جو وسيع مطالعو هو. سندس راءِ آهي ته:

”جيستائين لطيف جي وسعتِ فن جو تعلق آهي، ته، فطرت جون ننڍي ۾ ننڍيون ۽ حقير کان حقير شيون پڻ هن جي همدردانه توجه جو مرڪز بڻيون آهن. هو جنهن حسين پيرائي ۾ ڪانءُ کي محبوب جو قاصد بڻائي ٿو، انهي ساڳئي نموني، چنڊ کي پڻ استعمال ڪري ٿو. هو اهڙن مڌر گيتن جو خالق آهي، جنهن جهڙا گيت صدين تائين هن علائقي ۾ نه ٻڌا ويا هئا. حالانڪ سندس دؤر جو مقامي ادب يا ان وقت جو ٻيو ادب اهڙي روايت کان خالي آهن. بهرحال، اهو سڀ ڪجهه سندس ذاتي تجربي ۽ مشاهدي جي ڪري ممڪن هو. خاص طور، ان ڪري ڇاڪاڻ ته، هن جي زندگي جهنگ جهر ۽ رڻ پٽ سان عبارت هئي ۽ ڇاڪاڻ ته، هو سڄيون ساريون راتيون ويهي اوجاڳا ڪندو هو. هو پنهنجي شاعريءَ ۾ ملاحن، ڪاتارين، هارين ۽ شهزادن، سپنيءَ کي ساڳي سهوليت ۽ واقفيت سان بيان ڪري ٿو... هو انهن جي ٻولي ۽ محاورن ۾ ايتري پختي انداز سان ڳالهائي ٿو، جو ايئن ٿو لڳي، جڻ ته، هو پاڻ سندن طبقي سان واسطو رکي ٿو. اهڙيءَ طرح، جڏهن هو ڪنهن مرد، عورت يا ٻار جي باري ۾ ڪجهه چوي ٿو، ته جڻ، هو پاڻ اهو روپ اختيار ڪيو وٺي.“(8)

## مهاڻن جي ٻولي:

ٻيڙي هلائيندڙن کي ناکئا، ملاح ۽ ميربحر به چيو ويو ٿو. مڇي جهليندڙن/ مارينڌڙن کي مهاڻا چئبو آهي. ٻنهيءَ جو تعلق پاڻي ۽ ٻيڙين سان هئڻ ڪري، اُهي لفظ هاڻي ساڳي معنيٰ ۾ به استعمال ڪيا وڃن ٿا. ميربحر، سنڌ جي قديم ترين قوم آهي، جنهن هزارين سال گذرڻ کان پوءِ به، پنهنجي وجود کي برقرار رکيو آهي. بحر معنيٰ پاڻي ۽ مير معنيٰ سني حيثيت وارو يا چڱو مڙس (Gentleman).

شاهه سائين، مهاڻن جو ذڪر سُر ڪاموڏ ۾ ڪيو آهي. سُر ڪاموڏ ۾ نوري ڄام تماچيءَ جو قصو بيان ٿيل آهي. نوري ڪينجهر ڪناري رهندڙ مهاڻي هئي.





سندس ڪم مڇي مارڻ، مڇيءَ کي وڏڻ ۽ وڪڻڻ هو. شاهه سائين، هن سُر ۾ مهاڻن جي ڪِرت ۽ سندن ڪِرت سان لاڳاپيل ٻوليءَ کي استعمال ڪيو آهي.

گندرا، ماڳر ۽ مي يا مين، مهاڻن جون ذاتيون آهن. شاهه سائين، نوريءَ جي زباني وري وري ڄام تماچيءَ کي ياد ڏياري ٿو، ته نوريءَ جو تعلق مهاڻن سان آهي، جن کي ان دؤر ۾ (اڄ ڏينهن تائين به) سماجي طور هيٺين طبقي جي ذات وارو سمجهيو ويندو هو. ڄام تماچي تو انهن سان رشتو ڳنڍيو آهي، ته هاڻي ان کي نڀائجان به سَهي! هيٺين بيتن ۾ مهاڻن جي ذاتين جو ذڪر ٿيل آهي:

تون سَمون، آئون گندري، مون ۾ عَيبَ اَپار،
پَسي ليِّ لغار، مَتان ماگر مَتيين.
(گربخشاڻي، سُر ڪاموڏ — 2/1)

تون سَمون، آئون گندري، مون ۾ عيبن ڪوڙ،
پسي ڪکيءَ ڪوڙ، مَتان ماگر مَتيين.
(ڪاموڏ — 3/1)

تون سَمون، آئون گندري، مون ۾ عيبن ويهه،
پَسي مِئڪي ڏيءَ، مَتان ماگر مَتيين.
(گربخشاڻي، سُر ڪاموڏ — 4/1)

مٿين بيتن ۾ مهاڻن جي ذاتين کان سواءِ، ليِّ، لغار، ڪکي ۽ ڪوڙ جو ذڪر به آهي، جيڪي به مهاڻن جي ڪم سان واسطو رکندڙ اصطلاح آهن. مڇيءَ جي مٿان جيڪا لڳلڳدار ڳِگَ ٿيندي آهي، ان کي مهاڻا ليِّ چوندا آهن. ڪکي اُن شيءِ کي چيو ويندو آهي، جنهن مان ڇَٽَ يا ڏپ اڃي. مهاڻن جو گذر سفر ان مڇيءَ تي آهي. سندن مال ملڪيت مَڏَ آهن.

ڪاڄ جنين جو ڪکيون، مال جنين جا مَڏَ،
سمي سيئي سيڻ ڪئا، هيڻ جنين جا هڏَ،
ڄام! پَرتيءَ لڏ، سانگين جي سيد چي.
(ڪاموڏ — 8/1)

ڪِکِي هاڻيون ڪاريون، ڇڇيءَ هاڻا ڇَڄ،
پاند جنين جي پاند سين، لڳو ٿيي لڄ،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سَمون ڄام سهڄ، ايو ڪري اُن سين.

(ڪاموڏ — 10/1)

مڇي رکڻ لاءِ، ڪجيءَ جي ڦَرهن يا وري لَئي جي سَنهين ڪاٺين مان ٺوڪريون ٺاهيون وينديون آهن، انهن کي ’ڪاريون‘ چيو ويندو آهي. ڇڄ وري، سَر جي ڪانن مان ٺاهيا ويندا آهن. شاهه صاحب مٿئين بيت ۾ ٻنهي جو ذڪر ڪيو آهي. ان ڪان سواءِ مهاڻن جي مخصوص لفظ ڇڄيءَ جو به ذڪر آهي. ڪاري ۾ سالم مڇي رکي ويندي آهي. ڪپائڻ لاءِ ان کي ڪٽي يعني ٻيرا ٻيرا ڪري، ان جي پيٽ مان آنڊا وغيره ڪڍي ڇڄ ۾ رکندا آهن، ان کي مهاڻا ’ڇڄِي‘ چوندا آهن. هيٺين بيت ۾ مهاڻن جي اٿڻ ويهڻ ۽ مڇيءَ سان محبت جي منظر نگاَري ڏسو:

ڄاريون ڪاريون، ڇڄ ڇپريون، جن جي محبت مڇيءَ ساڻ،
رهن وهن سِر ٻانڌيين، سيپيئي بدبوءِ هاڻ،
لُڏڙن جِن لطيف چئي، پاڻي وجهن پاڻ،
تن ملاحن جو ماڻ، سَمي سِر ڪئو پاهجي.

(ڪاموڏ — 12/1)

مڇيءَ کي ڦاسائڻ لاءِ مهاڻا سنهي ڏوريءَ مان ٺهيل سنهن سوراخن واري ڄار يا ڄاري پاڻيءَ ۾ وجهندا آهن، جنهن ۾ ڦاسڻ کان پوءِ مڇي ٻاهر نڪري نه سگهندي آهي. ڇپري، ان تڏي يا توريءَ کي چئبو آهي، جنهن تي مڇي رکي ويندي آهي، يا جنهن سان مڇيءَ کي ڍڪيو ويندو آهي. اڪثر اها هڪڙي قسم جي تڏي هوندي آهي، جنهن جي اڌ تي مڇي رکي، ٻيو اڌ مهاڻا مٿان ڏيئي ڇڏيندا آهن. ’ٻانڌين‘ جي وضاحت ڊاڪٽر گربخشاڻي صاحب هن طرح ڪئي آهي:

”درياهه يا ڍنڍ ۾ جتي پاڻي تانگهو هوندو آهي، اُتي مهاڻا اورار ۽ پراڙ ڪان وهڪري ڏانهن لهوارو ڪاٺين جا بند ڏيئي، انهن جون پچاڙيون وچ سير وٽ آڻي، هڪ ٻئي کي ويجهيون ڪندا آهن. انهي سوڙهي گهٽ جي ٻاهرئين پاسي ڄار هڻي ڇڏيندا آهن ۽ مٿانئس پيهي ٺاهي، ان تي پاڻ وهندا آهن. پوءِ مڇي بندن سان لڳي اچي انهيءَ سوڙهي گهٽ مان لنگهندي آهي، جتي ڄار ۾ ڦاسي ان کي ساهيندي آهي، جنهن تي پيهيءَ تي ويٺل ماڻهو ڄار کي ڇڪي مٿي





ڪري مڇيءَ کي سوئو هڻي هڪ ڏور ۾ پوئندو ويندو آهي، انهيءَ مانداڻي کي مهاڻا ’ٻانڌي‘يا ’ٻانڌو‘ ڪري سڏيندا آهن.“[9]

’ڄارا‘، ’ڪارا‘، ’مَڏ‘، ’مياٽيون‘، ’مَڪڙا‘، مهاڻن جي روزمره جي ٻوليءَ جا لفظ آهن. شاهه سائين، انهن لفظن جو استعمال ڪري نه صرف مهاڻن جي رهڻي ڪهڻي مان حقيقي عڪاسي ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو آهي، پر انهن ماڻهن کي به لغت جي وسيع ذخيري ڪان واقف ڪيو اٿس، جن جو هن ڪِرت سان واسطو نه آهي. ان مان ٻوليءَ جي وسعت به ظاهر ٿئي ٿي.

ڄارا ۽ ڪارا، مال جنين جو مَڪڙيون،
تماچيءَ جي تڪيي، اُچن سَوارا،
مِيَ مَڇي مارا، سمي سي سيڻ ڪِئا.

(ڪاموڏ — 9/1)

تهڙو ڪنجهر ۾ ڪين ٻِئو، جهڙي سُونهن سندياس،
مَڏ، مياٽيون، مَڪڙا، مڙئي معاف ٿِياس،
مورچل مَتاس، اُيو تماچي تي هڻي.

(ڪاموڏ — 24/1)

مهاڻن جي پورهئي جي شاهه سائين، ڀرپور عڪاسي ڪئي آهي. سندن ڪم ۾ ايندڙ هر هڪ شئي ۽ ان جي استعمال جو ذڪر ڪيو آهي. هيٺين بيتن ۾ مڇيءَ جي وڍڻ، وڪڻڻ، ڪاري ۾ ڪٽي ڪپائڻ جو ذڪر آهي، جيڪو سڀ ڪجهه نوري راڻي ٿيڻ ڪان پوءِ نٿي ڪري.

نه وَڍي، نه وڪڻي، نه ماري، نه ڏاري،
ڪارو وِڌائين ڪوهه ۾، نرتون نهاري،
سائي پَر پاري، جا گهر سمي جي سپڄي.

(ڪاموڏ — 17/1)

نه وَڍي، نه وڪڻي، نه ڪٽي ۾ ڪاري،
اُهڄ سُهڄ، ساهميون، ڏرئا نه ڏاري،
سائي پَر پاري، جا گهر سمي جي سپڄي،

(ڪاموڏ — 18/1)

سُر ڪاموڏ کان سواءِ سُر گھاتو ۾ بہ شاھ سائين، بازارن ۾ مڇيءَ جي بوءِ ۽ ڇلرن جي ڇَٽ (بوءِ) نہ ھجڻ ڪري ماڇُن جي مايوسيءَ جو ذڪر ڪيو آھي، ڇاڪاڻ تہ، اڳي اتي اٽڪُٽ ڏنيرا (مڇيءَ جو قسم) ھئا:

نَـڪـا بـوءِ بـازار ۾، نـڪـا ڇـلـر ڇَـٽ،
جـتـي ڏنـيـريـن جـي، اڳـي ھـئـي اڪُـٽ،
سـي پـڙ پَـسـئـو پَـٽ، مـاڙھـو وجـن مـوٽـئـا.
(گھاتو — 11/1)

## ناڪئن ۽ وڻجارن/ سوداگرن جي ٻولي:

اڳئين زماني ۾ پري پري علائقن سان وڻج واپار صرف ٻيڙين ذريعي ٿيندو ھو. اڄ بہ سمنڊ ۽ بندرگاھون واپار جا اھم رستا آھن، پر روڊن رستن ۽ ھوائي سفر ذريعي بہ واپار ٿئي ٿو. جيڪو اڳئين زماني ۾ صرف پاڻيءَ رستي ٿيندو ھو، ان ڪري جتي سوداگرن، وڻجارن جو ذڪر اچي ٿو، اتي ناڪئن جو بہ. شاھ جي رسالي جا ٻہ سُر سريراڳ ۽ سامونڊي خاص طور تي سنڌ ۾ وڻج واپار جي تاريخ ٻڌائين ٿا. سفر تي نڪرڻ کان اڳ ۾ شاھ سائين، وڻجارن کي مڪمل تياري ڪرڻ جي ھدايت ڪري ٿو. سمنڊ جو سفر اوکو آھي، ناڪئن کي ٻيڙيءَ جي چڱيءَ طرح سار سنڀال لھي، پوءِ اُھرائڻ جي صلاح ڏئي ٿو:

ٻـيـڙي پـراڻـي، وڪـر پـاءِ مَ وتـرو،
تـري ۾ تـن پـئـا، پـاسـنـئـون پـاڻـي،
ھي ھڏ وھاڻي! ڪـڙھـ ڪـالـوٽـي ڏيـھـ ڪـي.
(سريراڳ — 5/3)
تـري تُـن پـيـاس، پـاسـنـئـون پـاڻـي وَھـي،
ڪـوھـو جُـھـرُجـھـٽـو ٿـئـو، لاڄـو سـپ لَـڙيـاس،
جيلاہ سَـڌر سڪاٽياس، وَھي تي وَہ سامھون.
(سريراڳ — 6/3)

ٻيڙيءَ جي تري ۾ تَن پئجي ويا آھن، يعني سوراخ ٿي ويا اٿس، جنھن ڪري اُتان ٻيڙيءَ ۾ اندر پاڻي وڃي ٿو، ۽ پاسي کان بہ پاڻي اچي ٿو. ٻيڙيءَ ۾ پاڻي وڃي، تہ ان





جي ٻڏڻ جو خطرو ھوندو آھي. ٻيڙيءَ جي وچ تي ڪتل ڪاٺ جو لڪڙو، جنھن تي سڙھ ٽنگجي ٿو، اُھو ڪُوھو پراڻو ٿي ويو آھي، ٻيڙيءَ جا رسا يعني لاڄو بہ لڙڪي پيا آھن. اھڙيءَ حالت ۾ ٻيڙيءَ جي ھلائيندڙ (سڪاڻي) کي خبردار رھڻ گھرجي. شاھ سائين، ھن بيت ۾ تري ۾ تن پوڻ، ڪوھي، لاڄو ۽ سڪاڻي جو ذڪر ڪيو آھي، جيڪي سڀ ناڪئن جا روزمره جي استعمال جا لفظ آھن.

ٻيڙيءَ کي اُھرائڻ کان اڳ ۾ جيڪا تياري ڪئي ويندي آھي، اھا ھيٺين بيت ۾ ٻڌائي آھي:

ويـٺـو تُـن تُـنـيـنـس، مَـڪ ڏيـھـاڙي مَـڪـڙي،
سنـبـاھـي سـيـد چـئـي، مـٿـي نـيـڊوءَ نـيـنـس،
وَٽـائـي وَڏانـدرا، لاڄـو لڳـائـيـنـس،
آخر اُھـرائـيـنـس، تـہ جـوڪـو ٿـيـي نـہ جـھـاز ڪـي.
(سريراڳ — 7/3)

مٿئين بيت ۾، تُن تُنڻ، مڪڙيءَ کي مڪَ ڏيڻ، لاڄو لڳائڻ، اُھرائڻ ناڪئن جي ٻوليءَ جا لفظ آھن، جيڪي سفر تي نڪرڻ کان اڳ جي تياري ڏيکارين ٿا. ان تياريءَ کان پوءِ ئي وڻجارا سفر تي نڪرن ٿا.

سـڙھـ سَـنـوان، لاڄـو نـوان، اولا سـنـدن عـاج،
سـاٽـي سـفـر ھـلـئـا، پـري جُـنـگ جـھـاج،
حـاصـل ڪـريـيـن حـاج، واحـد وڻـجـارن جـي.
(سريراڳ — 12/1)

سڙھ، بادبان کي چئبو آھي، جيڪو ھوا جي زور تي ٻيڙيءَ کي ھلائي، اھو سڌو بيٺو آھي. لاڄو، ٻيڙيءَ جي رسن کي چئبو آھي. اھي نوان وڌا ويا آھن. اولا يعني ٻيڙيءَ جا ڳن عاج جا آھن. پوءِ ئي جُنگ جھاج يعني وڏا غوراب پري، وڻجارا سفر تي نڪتا آھن. اھا تياري نڪرڻ کان اڳ جي آھي. وڻجارن جو سفر سولو نہ آھي، رستي تي بہ ڪيترائي خطرا اٿن.

دُنـگـي وچ دريـاھـ، ڪـيـن ٻُـڏي ڪـيـن اُپـڙي،
ھو جي وادي واٽـئـا، سـي سُـونـھـڻ سـپ سَـڙيـا،
معلم مـاڳ نـہ اڳـيـيـن، ڦـلـنـگـي مـنـجـھ ڦـريـا،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ملاح تُهجي مَڪڙيءَ، اچي چور چڙهيا،
جتي ڍينگ ڏَريا، تتي تاري تهجي.
(سريراڳ — 11/3)

ٻيڙي(ڏَنگي) وچ درياهه ۾ آهي، ان تي لڳل ميخون يا ڪاٺ جا ڪِيل (سونهڻ) سڙي ويا آهن. چور چوڏاري وڪوڙي ويا اٿس.

وَهَ تِڪ وهڪرا، ننگر نه ٺهرن،
وَڏاندريون وَهَ سامهيون، جَهي ور جُنبن،
ننڊوءَ ۾ ناتاريون، وڻجارا وِجهن،
مُلا معلمن، مون ڳُري سُئي ڳَالڙي.
(سريراڳ — 15/3)

وهڪرو (وَهَ) ايڏو تيز آهي، جو ٻيڙيءَ کي بيهارڻ وارو لوهه جو ساز (لنگر) به نٿو بيهي، لڙهي وڃي ٿو. وڏيون ٻيڙيون به اڳتي وڌي نٿيون سگهن. ان ڪري، وڻجارا اونهي پاڻيءَ ۾ ناتاري (هڪ لوهه جو ساز آهي، جنهن جو وزن ست يا اٺ مڻ ٿيندو آهي) کي وجهن ٿا. معلم درياهه جي سفر جون ڏکيون ڳالهيون ٻڌائين ٿا.

اتر جي هوا لڳي ٿي ته، وڻجارا وڃن ٿا ۽ جڏهن واهوندا لڳن ٿا، يعني بهار جي موسم اچي ٿي ۽ اولهه جي هوا لڳي ٿي، ان وقت وڻجارا موٽي اچن ٿا.

لڳي اتر اُهرئا، واهندي وَرن،
آئون گهڻو ئي گهوريان، سودو سامونڊين،
اڱڻ جي اچن، عيد ورتي ان کي.
(سامونڊي — 9/2)

وڻجارن جو ايڏو مشڪل ڪم آهي، پر ان جو انعام به اوترو ئي قيمتي آهي، جيڪو وڻجارو پاتار ۾ وڃي ٿو، موتي به صرف ان کي ئي ملن ٿا. شاهه سائين، چوي ٿو ته، وڻج واپار جي اهميت جي خبر هُجَيو ته، ٻيو ڪم ئي نه ڪريو. وڻج واپار سان نه صرف واپاريءَ جو ذاتي فائدو ٿئي ٿو، پر ملڪ ۽ قوم کي به فائدو ٿئي ٿو. پنهنجي ٻوليءَ کي ثقافت کي ٻين ملڪن ۾ اجاگر ڪرڻ جو موقعو ملي ٿو، انهن جي سٺين روايتن ۽ ترقيءَ مان ڪجهه سکي به سگهجي ٿو.

وِتُ وِيمي جو جي لهين، ته ٻي ڪار نه ڪريين ڪا،





سا پَروڙج ڳالڙي، وڻجارن وٽا،
موتي جن هٿا، آندءِ گهڻي اَدب سين.
(سريراڳ — 6/4)

شاهه سائين، سمنڊ ذريعي وڻج واپار کي سمنڊ جي خدمت سمجهي ٿو ۽ ٻڌائي ٿو ته، اتي ڪيئي ماڻڪ، موتي، ۽ لعل (قيمتي شيون) آهن، جن مان رتيءَ جيترو به حاصل ٿئي، ته ماڻهو مالامال ٿي وڃي ٿو.

سيوا ڪر سَمنڊ جي، جت جَر وهي ٿو جال،
سئين وهن سير ۾، ماڻڪ، موتي، لال،
جي ماسو جُڙئي مال، ته پوڄارا پُر ٿيين.
(سريراڳ — 3/2)

وئا جي عميق ڏي، مُهِ ڪائو ڏيئي،
تن سپون سوجهي ڪڍيون، پاتارا پيهي،
پَسندا سيئي، اَمُل اکڙين سين.
(سريراڳ — 11/2)

اونهي پاڻيءَ ۾ وڻجارا منهن تي شيشو ڏيئي ويندا آهن. شاهه سائين، چوي ٿو ته، وڻجارا منهن تي ڪائو چاڙهي اونهي سمنڊ ۾ ويا آهن ۽ سپن ۾ جيڪي ٻي بها موتي آهن، اهي ٻاهر ڪڍي آيا آهن. شاهه سائين جي دؤر ۾ جن شين جو وڻج واپار ٿيندو هو، ان جو ذڪر به شاهه سائين ڪري ٿو. وڻجارا ٻيڙين تي چڙهڻ وقت سلامتيءَ سان پار پهچڻ ۽ ماڳ تي موٽي اچڻ لاءِ حضور ﷺ جو نذر نياز باسيندا آهن. وڻجارن جي ان رسم جو ذڪر به هيٺين بيت ۾ آهي:

قَرقُل، ڦوٽا، پارچا، پاٽيٽ پاتائون،
ڪوٺيون قيمت سنديون، تَر ۾ تاڪيائون،
لاڄن منجهه لطيف چي، ٻيڙا ٻَڌائون،
نذر نبي ڄام جو، چڙهندي چيائون،
جي ڇُهي ڇوڙيائون، سي ٻيڙيون رکين ٻاجهه سين.
(سريراڳ — 11/5)

مٿين وڪرن، رسمن ۽ احساسن جو تعلق وڻجارن جي ٻوليءَ سان آهي.

”ٻوليءَ کي نواڻ، نين پيداواري قوتن وٽان ملندي آهي. ايئن ٻوليءَ



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

گهڻ رخن احساسن ۽ اونهن امنگن ۽ اُڌمن جا چوماسا ڏيکاري ٿو.
هيءَ حالت سنڌي ٻوليءَ جي بنهه نئين فضا جو نظارو ڏيکاري ٿي.
هيءَ ٻولي، سنڌ جي شهرن جي تمدن جا تفصيل ٻڌائي ٿي. سنڌ ۾ ٽيڪسٽائل انڊسٽري، ايڪسپورٽ امپورٽ، جهاز راني، ٽرانسپورٽ، گهريلو صنعت، شراب جي دڪانن، صراف، بازارين، جوهرين، هنرمندن جو ڏس ڏئي ٿي ۽ ٻڌائي ٿي ته اهو سڀ ڪجهه وڏي پئماني تي هو.
ٻوليءَ جو سڌريل نمونو ٻڌائي ٿو ته سنڌ، جاگيرداريءَ کان هڪ مرحلو اڳتي وڏي واپاري دؤر ۾ داخل ٿي هئي.“[11]

## لوهارن جي ٻولي:

لوهار، لوهه مان مختلف شيون ۽ اوزار ٺاهيندا آهن. هي هڪ مشڪل پورهئو آهي، جنهن جو واسطو لوهه ۽ باهه سان آهي. باهه جو ڪم هئڻ ڪري لوهارن ڪي آڳڙيو به چيو ويندو آهي. شاهه سائين جي رسالي ۾ لوهار ۽ آڳڙيو ٻئي نالا ملن ٿا. شاهه سائين، ڪچي لوهه مان رُڪ ٺهڻ تائين لوهارڪي ڌنڌي جي سڀني باريڪين جو ذڪر ڪيو آهي، ۽ ان ذريعي ڪيئي نصيحت جا نڪتا بيان ڪري ٿو. پر جيئن ته هن مقالي ۾، اسان جو واسطو ٻوليءَ سان آهي، ان ڪري فڪر جي بلنديءَ کي ڇڏي، صرف لفظن جي جادوگريءَ جو ذڪر ڪجي ٿو. لوهار، لوهه کي رُڪ بنجڻ تائين تپائي، وري پاڻي هٽي ٿڌو ڪندا آهن.

جي تتو تن تنور جِنءَ، ته ڇُنڊي ساڻ ڇماءِ،
آڻــي آڳ ادب جــي، ٻــاري جــان جــلاءِ،
ٻُـرقئا انـدر، بـازيـون، پَـهـجِـيـون سڀ پڇاءِ،
لـڇـڻ لَـنـؤُ لـطـيـف چـي، پـڌر هَـڏ مَ پـاءِ،
مــتــان لــوڪَ لــڪــاءِ، وصــالا وڃ پَــئــي.
**(يمن ڪلياڻ — 15/3)**

لوهار، نه صرف لوهه مان نيون شيون ٺاهيندا آهن، پر سِراڻ جو ڪم به ڪندا آهن. لوهه جي شئي تي گهڻو وقت استعمال نه ٿيڻ ۽ گهم جي ڪري ڪَٽ چڙهي ويندي آهي. لوهار ان جي ڪٽ لاهي، جيڪڏهن ڪوئي وڍڻ يا ڪٽڻ جو اوزار آهي، ته ان کي

Shah Abdul Latif Bhitai Chair





تکو ڪندا آهن. ’پاڻي پيارڻ، چاڙهڻ يا ڏيڻ‘ به لوهارڪو اصطلاح ۽ فن آهي. گرم اوزار کي پاڻيءَ ۾ ٿوري دير لاءِ وجهي وري ٻاهر ڪڍندا آهن.

اڄ آڳــڙيــا آئِــيــا، سُــوڌا سِــراڻــي،
پــيـاري پـاڻـي، تـيـغـون ڪـنـدا تـڪـيـون.
**(يمن ڪلياڻ — 24/3)**

اڄ آڳــڙيــا آئــيــا، ســائُــو ڪــي سُــڄــاڻَ،
لاهــيــنــدا مــورِيــاڻُ، رُڪ ڪــريــنــدا پَــڌرو.
**(يمن ڪلياڻ — 25/3)**

جن شين کي وقت بوقت سراڻ تي چاڙهبو رهبو، انهن کي ڪڏهن به ڪَٽ نه لڳندي:

سَـرهـا ڏنـم سـي، جـن سـاجـاءِ سِـراڻ سـيـن،
تـيـغ تـنـيـن جـي ڪـي، ڪَـٽ نـه لڳـي ڪـڏهـِم.
**(يمن ڪلياڻ — 27/3)**

لوهه هڪ ڌاتو آهي، جيڪو خام يا ڪچي صورت ۾ هوندو آهي، جنهن کي شاهه سائين، ’پَهاڻ‘ سڏي ٿو. ان پهاڻ کي لوهار پگهاري پهريائين پالٽو لوهه، پوءِ گهاڙو لوهه ۽ ان کان پوءِ صاف رُڪ ڪيندا آهن. رُڪ ان ڪچي ڌاتوءَ جي اعليٰ صورت آهي:

پَـچـائـي پَـهـاڻ، جـن رسـاڻـئـو رُڪَ ڪـي،
تَـنِـيـن سـنـدو ڄـاڻ، آهـي آڳـڙيـن ڪـي.
**(يمن ڪلياڻ — 17/3)**

لوهار، جڏهن زنجير ٺاهيندا آهن ته ان جو ڪڙو ڪَڙي سان مليل هوندو آهي. ان ذريعي شاهه سائين، محبت جي اٽوٽ رشتي جو ڪهڙو نه سهڻو بيان ڪيو آهي:

جيئن ڪَڙو منجهه ڪڙي، سو لُهار لپيٽئو،
منهنجو جيءُ جَڙي، سپيريان سو گهو ڪئو.
**(بروو سنڌي — 7/1)**

لوهار، لوهه کي باهه ۽ پاڻيءَ مان گذاري، متر ڪن جا ڏڪ هٽي، سڌو ڪندا آهن. لوهه جهڙي سخت شئي کي ايترو نرم ڪرڻ جو ان کي جيئن وَرائجي تئين وَري، لوهارن جو ڪمال آهي. ان عمل کان متاثر ٿي، شاهه سائين، دوستن جي دلاسي کي ان

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سان پيتي ٿو:

اتي وَڄُ اندوهه، دوستن دلاسو ڪِئو،
مولي سڀ معافي ڪِئا، ڏک، ڏمر ۽ ڏوهه،
جا پر لُهارئين لوهه، سا پر سورن سان ٿي.
(بروو سنڌي – 28/2)

## مالوندن جي ٻولي:

سنڌ، زرعي ملڪ آهي. زراعت سان گڏ مال ڌارڻ ۽ پالڻ هتان جي ماڻهن جي گذران جو ذريعو آهي. مال جو ججهو تعداد هئڻ خوشحاليءَ جي علامت ۽ شاهوڪاريءَ جي نشاني آهي. جيئن شاهه سائين، چوي ٿو:

اڳڻ تازي، ٻهر ڪنديون، پڪا پٽ سونهن.

مطلب ته، جنهن اڳڻ تي پلا گهوڙا ۽ مينهون ٻڌل آهن، اهو گهر سونهين ٿو، ان ۾ رونق آهي. اڄ به سنڌ جي ٻهراڙيءَ ۾ هر گهر ۾ ٻه چار مينهون، ڏاند، ڳئون يا ٻڪريون ضرور هونديون آهن. ڪاڌ خوراڪ جون ضرورتون پوريون ڪرڻ کان سواءِ اڳين زماني ۾ ڏاندن، اُٺن ۽ گهوڙن ذريعي سفر ڪرڻ ۽ انهن ذريعي سامان به ڪنيو ويندو آهي. سنڌ ۾ گهوڙن جا ڪيترائي قسم آهن. شاهه سائين، انهن سيني قسمن جي گهوڙن جو ذڪر پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪيو آهي:

جي تون آسائو آهيين، ته چانئٺ ٻي مَ چوڙ،
ڪيرا ڪُميتن جا، ڪتي آٽي ڪوڙ،
اِن دَر عراقي گهٽا، تون چانگون ڪئو چوڙ،
تنهن سيد وڏي سوڙ، جنهن ۾ مَتو هنيو مڱٽين.
(بلاول – 22/3)

ديکيندي ديدار کي، ڪين سجاتو ڪُل،
تازي طويلن ۾، آهِ اِحاطو جُهل،
هُئا جي اَمُل، سي حِسابان هڃي وِئا.
(آسا – 1/5)

ڪُميت گهاٽي چاڪليٽي رنگ واري گهوڙي جو نالو آهي. عراقي ۽ تازي، عربي نسل واري گهوڙن کي سڏيو ويندو آهي. متئين بيت ۾ طويلن جو به ذڪر آهي.





طويلو يا طنبيلو گهوڙن ٻڌڻ جي جاءِ کي چئبو آهي.

مالوند ماڻهو مينهن تي به نالا رکندا آهن. اهي نالا، مينهن جي رنگ روپ جي مطابق رکيا ويندا آهن. اچو ته، ڏسو ته، شاهه سائين، مينهن جي ڪهڙن ڪهڙن قسمن جو ذڪر ڪيو آهي:

ميهيون هِن مهار جيون، الا سڀ بَچن،
وَڇون جي ڪيرن سين، سدا ٿيون سُونهن،
مون کي ماڙڪين، تاٽي هنيو تار ۾.
(سهڻي – 19/4)

ميهيون هِنَ مِهارَ جيون! الا سڀ جين،
ڪاريون، ڪَڪَيون، ڪُنڍيون وارا ڪِئو وِيَن،
جوءِ جا جاندارن جي، ٻيلا ٻَهه ٻَهه ڪن،
اچي ريلَ رهن، مون سانيارا سُپرين.
(سهڻي – 20/4)

بَر اُنا، تر وُنا، وِنيون تَرايون،
پرهه جو پٽن تي، ڪَن ولوڙا وَايون،
مکڻ پَرين هٿڙا، ٿيون سنگهاريون سَايون،
ساري ڏُهن سامهيون، ٻولاهيون ۽ رايون،
ٻايون ۽ دايون، پکي سونهن پانهنجي.
(سارنگ – 6/3)

وَڇ مينهن جي مادي ڦر کي چئبو آهي. 'ماڙڪيون' انهن مينهن کي چئبو آهي، جن جي اکين ۾ اڇو ٽڪو هجي. ڪاريون، ڪاري رنگ واريون ۽ ڪڪيون ڪڪي يا پوري رنگ جي وارن وارين مينهن کي چئبو آهي. ڪُنڍي مينهن جو اهو قسم آهي، جنهن جا سڱ وريل ٿيندا آهن. ٻولاهي اها مينهن آهي، جنهن جي منهن تي اڇو ٽڪو هجي. رايون انهن مينهن کي چيو ويندو آهي، جن جي بدن تي سنها ڳاڙها ٽِڪا ٿين. مٿي ڏنل بيتن ۾، شاهه سائين، مينهن جي قسمن کان سواءِ مالوندن جي ٻوليءَ جا ٻيا به ڪيترائي لفظ ۽ اصطلاح ڪم آندا آهن. ٻئي نمبر بيت ۾، شاهه سائين، 'وارا ڪِئو وِيَن' جي ڳالهه ڪئي آهي، جيڪا مالوندن جي تمنا هوندي آهي. جيڪڏهن



Shah Abdul Latif Bhitai Chair
Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سڀ مينهون گڏ ويامنديون ته. هڪ موسم ۾ ته، ڪير گهٽو هوندو، پر اهي وِهڪي به گڏ وينديون، جنهن ڪري ڪير جي اٽاٽ ٿيندي، جيڪڏهن واري تي ويامنديون ته، ڪير سدائين رهندو. ريل، مالوند ان ميدان/ پَٽ کي سڏيندا آهن، جيڪو پاٽيءَ جي اٿل ڪري ساوڪ سان ڇانئجي ويل هجي. برساتون پوڻ ڪري گاهه جام ٿئي ٿو، جڏهن مينهن کي چارو ڍوَ تي ملي ٿو ته، اهي ڪير گهٽو ڏين ٿيون، مکڻ به جام ٿئي ٿو، پوءِ هر هنڌ خوشحالي ٿئي ٿي:

موتي مانداٽن جي، پَري ڪِئائين پَر،
وڃون وسڻ آئيون، ڪوڏان ڪٽي ڪر،
مينهيُون پاٽمراديون، ٿڌا چرن ٿر،
وڏيءَ ويل آيون، پنيءَ لائي ڦر،
سَاڙهي اڇن سامهيون، ڏين ڪير سڀر،
ساڻ واندن وَر، پرين پرچن ڪڏهين.

(سارنگ — 2/3)

جڏهن سنگهار ۽ سنگهاريون خوشحال آهن ته، پوءِ جيڪو انهن سان گڏ رهي ٿو، اُهو به رُڪو نٿو ڪائي:

آيل سنگهارن سين، جيڪا گهاري مَاءِ،
توٽي هوءِ اَوڳٽي، ته پڻ رکو مور نه ڪاءِ.

(ڏهر — 20/6)

اهڙي خوشحاليءَ تي، شاهه سائين، به گهٽو خوش آهي، تڏهن ته، منداٺتي مينهن کي وَسڻ جو چوي ٿو، جنهن سان ڍِنگيون مينهون به ڍِنگائي ڇڏي مِڙڻ لڳيون آهن:

وَسي تڏهين وَس، مُند مِڙيائي مينهن جي،
ڪيتا ڪترن ڇڏئا، جي ٿي مڙيون مَس،
گابا متي گس، ڏک نه ڪندا ڏبرا.

(سارنگ — 17/1)

گهوڙن ۽ مينهَن ڪان سواءِ، شاهه سائين پنهنجي شاعريءَ ۾ اُٺن جو به گهٽو ذڪر ڪيو آهي. اُٺ وٽس نفس جي علامت به آهي ته، محبوب تائين پهچائڻ جو ذريعو





به، ان ڪري ان جي عادتن، هلڻ چلڻ، ان کي پهرائڻ جي ساز سامان، ان جي ڪاڌ خوراڪ ۽ قسمن جو ذڪر ڪيو اٿس. سُر ديسيءَ جي هڪڙي بيت ۾ ڏسو، ته اُٺن جا ڪيترا نالا آيا آهن:

دوڪ ڏَهلئا ڄِت، گؤرا هلن نه گس ۾،
ڇؤسال ئي نه چلٽا، ٿي تنگ نهاري تِتِ،
سُوڙِي اُنين، سيد جي، پو3 پانچارِئَن پَرِت،
اِن اڙانگي پنڌ جي، ڪا نيشن پوءِ نرت،
سسئي وڏي سَت، جا اهڙي پَر پنڌ ڪري.

(ديسي — 13/2)

اُٺن تي عمر جي لحاظ ڪان نالا ڏنا ويندا آهن. ڪهڙي عمر ۾ اُٺ تي ڪهڙو نالو رکيو ويندو آهي، ڊاڪٽر گربخشاڻي صاحب وضاحت ڪندي لکي ٿو:

”سنڌ جي جدا جدا ڀاڱن ۾ انهن نالن ۾ قدري تفاوت آهي، مگر اڪثري چالو نالا هن ريت آهن: ڪير ڏائڪ گؤري کي لاؤرو چوندا آهن. اهو نالو هڪ سال تائين هلندس. هڪ سال ڪان ٻن سالن تائين اُٺ کي ’ڏيڙ‘ يا ’ڪنواٽ‘ چوندا آهن. ٻن سالن ڪان ٽن سالن تائين ’ٻِهاڻ‘، ٽن سالن ڪان چئن سالن تائين ’ٿهاڻ‘ يا ’مزات‘، چئن ڪان پنجن سالن تائين ’ڇٽ‘، پنجن ڪان ڇهن سالن تائين ’دوڪ‘ چو ته، انهيءَ عمر ۾ هن کي هيٺينءَ ڄاڙيءَ ۾ ٻه ڏند نڪرندا آهن، ڇهن ڪان ستن سالن تائين ’چؤڳو‘، يعني چئن ڏندن وارو، ستن ڪان اٺن سالن تائين ’ڇڳو‘ يعني ڇهن ڏندن وارو. اٺين ورهين جي عمر ۾ هن کي ٻنهي ڄاڙين ۾ پاسيرو ٻه تکا ڏِگها ڏند، جن کي فارسيءَ ۾ ’نيش‘ چوندا آهن، پوءِ ڇٽبو آهي ته، اُٺ هاڻي نيش ٿيو، يعني پورو جوان ٿيو. ٽن سالن ڪان پوءِ وري چار ٻيا نيش ڪڍندو آهي، پوءِ چوندا آهن اُٺ هاڻي ’ارموش‘ ٿيو. انهيءَ بعد پوئتي هٽندو ويندو آهي. اُٺ جي عمر ٽيهن سالن تائين ٿيندي آهي.“[12]

اُٺ جي خاص خوراڪ ’لاٽو‘ آهي. هي هڪ قسم جو ٻوٽو ٿيندو آهي، جيڪو ذائقي ۾ ڪارو هوندو آهي. اڳئين زماني ۾ ان کي ساڙي ڪپڙن ڌوئڻ لاءِ ڪار ٿاهي ويندي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

هئي. اُٺ، ان ٻوٽي جو شوقين آهي. ٻئي گاهه کي ڇڏي لاٽو کائيندو آهي. جيئن شاهه سائين چوي ٿو ته، مکڙين کائڻ لاءِ وڻ هيٺان ٻڌجي ٿو، تڏهن به لڪيو لاٽو ٿو کائي:

آٽــي ٻــڌم وڻ جــاءِ، مــان مــکــڙيــون چَــري،
ڪُــڏا تــورو ڪــرهــو، لــڪــئــو لاٽــي ڪــاءِ،
اِن ميي سندي ماءِ! مون ڳالڙن ڳوڙها ڪِئو.
(ڪنيات – 18/2)

اُٺ نــہ وڃــي وڳ ســيــن، چــري نــہ لاٽــو،
مَــيــي ڪــي مــجــاز جــو، تــوهــي ۾ تــاٽــو،
ڀــٽــاري ڀــاٽــو، مَــرنــدي ســيــڻ نــہ مــٽــئــو.
(ڪنيات – 23/2)

مٿين بيتن ۾ شاهه صاحب اُٺ کي ڪيترن ئي نالن سان سڏيو آهي، جيئن ’ڪَرهو‘، ’مَيو‘، ’اُٺ‘، ’ڀٽارو‘. ڀٽارو مالوند ماڻهو پنهنجي ڏور کي پيار مان چوندا آهن، جيڪو اُٺ کان سواءِ ٻين جانورن کي به چئبو آهي. اُٺن کي سينگارڻ لاءِ اوٺي ڳانا ۽ سهڻيون مَهارون پارائيندا آهن. شاهه سائين وٽ جيئن ته، اُٺ محبوب تائين پهچائڻ جو وسيلو به آهي، ان ڪري هو انهن کي قيمتي ڳانا ۽ مهارون پارائڻ ۽ خوشبودار ٻوٽا کارائڻ جي آڇ ڪري ٿو:

ڳــل ڳــانــا يــاقــوت جــا، مــوتــيــن ڳــتــيــس مــال،
ڪــديــفــي جــي ڪــرهــا! هــيــدي پــايــڻ حــال،
چــنــدن چــاريــڻ جــال، جــي مــون رات رَســائــيــين.
(ڪنيات – 20/2)

مَــيــا تــو مــهــار ســڄــي پــايــان ســون جــي،
چــاريــڻ چــنــدن چــوٽــيــون، نــايــو مــيــنــدي ڏار،
ســنــدي پــي پــچــار، جــي مــون رات رَســاٽــيــن.
(ڪنيات – 22/2)

اُٺن کي سينگارڻ لاءِ مالوند ڇڙيون (ٽليون)، جهاٻا ۽ ڦندڻ (ٽؤنر) پارائيندا آهن، انهن جي مٿان خوبصورت جهلون وجهندا آهن، ٽنگن ۾ گهنگهرو ٻڌندا آهن، جنهن ڪري قافلن جو آواز پري پري تائين ٻڌڻ ۾ ايندو آهي. ٻروچ جڏهن اُٺ سينگاري هليا ويا،





پويان سسئي اوسيئڙي ۾ اُٺن جي سينگار جو ذڪر هينئين طرح ڪري ٿي:

ڪُــڄــاڙئــا ڪــاهــي، شــتــر اُن ســيــنــگــارئــا؟
ٽَليون، ٽؤنر، هَلويون، وٺا ڇيرون ڇمڪائي،
لنگهئا لڪ لطيف چي، وٺا ڪَرهل ڪڏائي،
ٻــانــيــڻ ڪــي ٻــروچ جــو، آســرو آهــي،
واڳــون ورائــي، ڦــيــريــن مــانَ فــقــيــر تــي.
(ديسي – 2/7)

اُٺ هڪ طاقتور جانور آهي. ان کي قابوءَ ۾ رکڻ لاءِ به مالوند ڪيئي حيلا هلائيندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن اُٺ مست ٿي پوندو آهي، جنهن کي قابو ڪرڻ انتهائي ڏکيو هوندو آهي. مالوند اُٺن کي ڪيئن ۽ ڇا سان قابو ڪري رکن ٿا، شاهه سائين اسان کي انهن سيني اوزارن جي واقفيت به ڪرائي آهي:

ڪَــرهــي ڪــي ڪَــئــيــن، وڌم پــئــنــڌ پَــلــڻ جــا،
لِــيــڙو لاٽــي ڪــي چــري، نــيــر ســاڻ نــئــيــن،
چــانــگــي ســنــدي چــت ۾، صــاحــب! وجــهــ ســئــيــن،
اوبــاهــئــوس اَئــيــن! لــطــف ســاڻ لــطــيــف چــي.
(ڪنيات – 32/2)

دُو دَســتــي، دُوپــيــر، ســيــنــي ســنــگــهــر رُڪ جــي،
مــاءِ مــهــجــي ڪَــرهــي، تــازي ڦــلــن هــيــرَ،
تنهن ڪامڻ ڪندي ڪير؟ جو مُنهم وٽ مس رَهي!
(ڪنيات – 37/2)

نَــو نَــيــر، ڏهــ ڏاوٽــيــون، پــنــره پــئــنــڌ پــيــاس،
جڏه سڄڻ ياد پياس، ڇرڪ ڇنايئين هيڪڙي.
(ڪنيات – 40/2)

’پئند‘، ’نير‘ ۽ ’ڏانوڻ‘ ان رسي کي چئبو آهي، جيڪو اُٺ (يا ڪنهن به جانور) جي ٽنگن ۾ ٻڌو ويندو آهي، جيئن هو ڊوڙي نہ سگهي، ڇاڪاڻ ته، ڪڏهن ڪڏهن جانور ڳچيءَ وارو رسو ڇنائي ويندا آهن. دُو دستي جانور جي اڳين ٽنگن کي ٻڌڻ جي رسي ۽ دُو پير پوين ٽنگن کي ٻڌڻ جي رسي کي چئبو آهي. سنگهر زنجير کي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

چئبو آهي. شاهه سائين، رُڪ جي سنگهر جو ذڪر ڪيو آهي.

جيستائين اُٺ عمر جو ننڍو هوندو آهي، ته ان تي بار نه ڪنيو ويندو آهي، جنهن ڪري اهو عموماً ڏنگو ٿيندو آهي. مالوند ان تي پوءِ بار ڍوئيندا آهن ته جيئن مستي لهيس.

اٺي اڙائينس، چڙهئو تا چيڪ ٿئو،
ڪارايان ڪِڙيو وجي، پَلاٽي پائينس،
ڏاوڻ تہ ڏائينس، جِن چري ۾ چنگهي پُٽو.
(ڪنيات — 36/2)

اولاٽڻ، پلاٽڻ، مالوندن جا اصطلاح آهن، سامان رکي هلائڻ کي پلاٽڻ ۽ سامان کان سواءِ هلائڻ کي اولاٽڻ چوندا آهن.

وڏقُڙو ۽ واءُ، ڪَرهي ڪاڏو ڪوڙئو،
ڪوءِ! ٻَن! پَلاٽيان! اولاٽِئو نہ اُٺيي.
(ڪنيات — 11/2)

## ڪَتِين جي ٻولي:

شاهه سائين، ڪَتين کي 'نيروٽي' بہ سڏيو آهي. ڪَتي ڪپڙن کي رنگ ڏيندا آهن. ان کان سواءِ هاٽي ڪپڙا ڌوئڻ ۽ استري ڪرڻ واري کي بہ ڪَتِي يا ڌوٻي چيو ويندو آهي. شاهه سائين، جيتوڻيڪ هن پورهئي جو گهڻو ذڪر نہ ڪيو آهي، تڏهن بہ سندس رسالي ۾ ڪجهه اهڙا بيت ملن ٿا، جن ۾ ڪتين جي ٻولي استعمال ڪيل آهي. سُر مومل راڻي جي هيٺين بيت ۾ رنگجي ريٺو ٿيڻ جو ذڪر آهي.

رچي جي ريٺو ٿِئا، ڪين اُپاٽجن اوءِ،
ڪنڀ نہ ڪاري تہ ڪي، جو هالاري هوءِ،
توٽي ڌوٻي ڌوءِ، تہ لالي تهين نہ لهي.
(مومل راڻو — 6/3)

پڪي رنگ چڙهڻ کي، 'رَچي ريٺو ٿيڻ' چئبو آهي، پوءِ انهن جو رنگ خراب نہ ٿيندو آهي. رنگ خراب ٿئي تہ ان کي اپاٽجڻ چئبو آهي. ڪتي وڏي ديگ چاڙهي ان ۾ ڪار، صابڻ، مصالحو وجهي، ان ۾ ڪپڙا ٺهڪائيندا آهن، ان کي ڪُنڀ چوندا آهن. هالار، ڪاٺياواڙ جو هڪ ضلعو آهي. آڳاٽي زماني ۾ اهو ڪپڙن رڱڻ جي هنر ڪري مشهور هو. اتان جو ڏنل رَنگ پڪو ۽ جٽادار هوندو هو. شاهه سائين، چوي ٿو تہ هالار





جي ڏنل رنگ کي ڪُنڀ بہ خراب ڪري نٿو سگهي.

سُر ڪيڏاري ۾ بہ، شاهه سائين، نيروٽين ۽ نير جو ذڪر ڪيو آهي. نير سنڌ ۾ تمام گهڻي ٿيندي هئي. ان جي کپت يورپي ملڪن تائين هئي. اهو سلسلو انگريزن جي دؤر تائين جاري هو.

مير مدينئا نڪري، آئيا نہ موٽي،
ڪارا رڱج ڪپڙا، ادا نيروٽي!،
آن تنين لءِ لوٽي، جي مير مسافر رانئيا.
(ڪيڏارو — 7/1)

ڇپر جِنءَ پُهون، تِنءَ رڻ ڳجهن رانئيو،
ونڪا ونڪن گڏئا، ڊوڙئو ڏين ڍَهُون،
مُهاين وَهون، نير مهنگو ڪنديون.
(ڪيڏارو — 3/6)

## طبيبن / ويڄن جي ٻولي:

شاهه سائين، سُر ڪلياڻ ۽ يمن ڪلياڻ ۾ طبيبن/ ويڄن جو گهڻو ذڪر ڪيو آهي. طبيب جيڪي مرضن جا ڇڏائيندڙ بہ آهن تہ وڌائيندڙ بہ- ڇاڪاڻ تہ شاهه سائين، طبيب کان وڌيڪ حبيب جو طالبو آهي، جيڪو مرض ڏيندڙ بہ آهي تہ لاهيندڙ بہ:

هڏ نہ وٽي هاڻِ مون، ويڄن جي وصال،
هن مهجي حال، حبيب ئي هادي ٿئو.
(ڪلياڻ — 2/3)

جت حبيب هٽن، نائڪ پري نيہ جي،
تتي طبيبن وِڄا، وجي وسري.
(يمن ڪلياڻ — 9/1)

هٽين جي حبيب! محبتي مَيا ڪري،
پُڇان ڪين طبيب، هُند گهائن سين ٿي گهاريان.
(يمن ڪلياڻ —10/1)

شاهه سائين، بيماريءَ جو ذڪر مختلف نالن سان ڪيو آهي. ڦَٽِ/ زخم نہ ڇٽن تہ، سنڌ ۾ طب جي پيشي ۾ ان کي چاڪ ڇِڪڻ چئبو آهي.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ديڳين دوڳ ڪڙهن، جِت ڪڙيين ڪڙڪو نہ لهي،
تتي طبيبن، چاڪ چڪندا چِڏئا.
(ڪلياڻ – 27/2)

شاهہ سائين، آزار، پيڙا ۽ ڏکندي کي تڪليف ۽ بيماريءَ جي معنيٰ ۾ ڪم آڻي ٿو. بيماريءَ سان گڏ صحت ۽ شفا جي ڳالهہ بہ ڪري ٿو.

اُتاري اُتي وئا، منجهان مون آزار،
حبيب ئي هٽي وِئا، پيڙا جي پچار،
طبيبن توار، هڏ نہ وٽي هاڻ مون.
(ڪلياڻ – 1/3)

حبيب ئي هادي ٿئو، رهنما راحت،
پيڙا نِيائين پاڻ سين، لائي ڏيئي لت،
سپيريان صحت، ڏنيم منجها ڏکندي.
(ڪلياڻ – 3/3)

تون حبيب، تون طبيب، تون درد جي دوا،
جانب مهجي جيءَ ۾، آزار جا اَنوا،
صاحب! ڏي شفا، ميان! مريضن کي.
(يمن ڪلياڻ – 1/1)

شاهہ سائين، گهٽو ڪري ڪنهن بيماريءَ جو نالو نٽو وٺي، صرف تڪليف جي ڳالهہ ڪري ٿو. اهڙي تڪليف جنهن جو طبيب وٽ بہ علاج موجود نہ آهي.

تڙي طبيبن، گهايل گهراءِ ڪيئو،
چڪئا چاڪ چهون ڪري، ڪَڙيون مور نہ ڪن،
دَوست جي درسن سين، پُئي ٺار ٿپن،
وِرچئو ويچ وَجن، آءٌ تہ پريم اُبهان.
(يمن ڪلياڻ – 10/2)

مٿئين بيت ۾ درد جي ڳالهہ آهي، تڪليف آهي، زخم آهن، جيڪي اصل نٽا چُٽن. شاهہ سائين، صرف هڪ هنڌ ’موريسر‘ جي ڳالهہ ڪئي آهي. موريسر اکين جي بيماري آهي، جنهن ۾ اکين ۾ موتيا ٿي ويندا آهن.





پاڙي ويچ هئام، تا مون مُور نہ پُڇئا،
تيلاهين پئام، موريسر اکين ۾.
(يمن ڪلياڻ – 7/2)

شاهہ سائين، بيمارين ۽ علاج سان وابستہ بولي، پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪم آندي آهي. ڪيترن ئي ٻوٽن ۾ الله سائين شفا رکي آهي، جن ذريعي نہ صرف، حڪيم ۽ طبيب علاج ڪندا آهن، پر اڄڪلهہ جي جديد دؤر ۾ بہ اهي ڪم اچن ٿا. انهن مان ڪيترين ئي دوائون ٺهن ٿيون. مطلب تہ، ٻوٽا Homeopathy ۽ Allopathy ٻنهي طريقن ۾ ڪم اچن ٿا. ’ساٽر‘ هڪ قسم جي جڙي ٻوٽي آهي، جنهن کي گهٽين بيمارين لاءِ مفيد سمجهيو ويندو آهي. ان جڙي ٻوٽيءَ کي دوا جي معنيٰ ۾ شاهہ لطيف بہ استعمال ڪري ٿو:

اور ڏکندو اُو ٿيي، هادي جِنهن حبيب،
تِر تفاوت نہ ڪري، تنهن کي ڪو طبيب،
رهنما رقيب، ساٽر صحت سپرين.
(ڪلياڻ – 4/3)

ساٽر صحت سپرين آهي نہ آزار،
مجلس ويرَ مِنو ٿي، ڪوٺيندي قهار،
خنجر تہ خوب هٽي، جہ سين ٿيي يار،
صاحب رب ستار، سوجهي رڳون ساهہ جيون.
(ڪلياڻ – 5/3)

دَوا خاص ڪري سُتي يا ڦڪيءَ کي سنڌ ۾ ٻُڪي بہ چوندا آهن. جڏهن ڪنهن ڊاڪٽر وٽ نہ وڃجي ۽ ڏَس پنڌ (ٽوٽڪن) تي هلجي تہ، چئبو آهي تہ، ”گهٽيئي ٻُڪيون آزمايون آهن، جڏهن فرق پوي.“ شاهہ سائين بہ پنهنجي شاعريءَ ۾ ’ٻُڪي‘ لفظ کي دوا جي معنيٰ ۾ ڪم آڻي ٿو:

تون حبيب، تون طبيب، تون درد جو دارون،
دوا آهن دل کي، تهجيون توارون،
ڪريان ٿي ڪارون، جن ٻُڪي پئنئون نہ ٿيي.
(يمن ڪلياڻ – 2/1)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ويـجَ مَ ٻُـڪـي ڏي! الا چڱـي مَ ٿـيـان!
سـڄـڻ مـان اڇـي، ڪَـرَلاهـو ٿـي ڪـڏهـم.
(يمن ڪلياڻ — 14/2)

دارون ۾ ڪـارون، جـان ڪـي ڪِـئـا ويـچ مـون!
ٻُـڪـي ڏيـنـدا ٻـاجـهـہ جـي، نـهـاري نـاڙون،
جن جيون سيڻ لهن سارون، تن ڪان ڏکندو ڏور ٿيي.
(يمن ڪلياڻ — 18/2)

ٻُڪيءَ سان گڏ، دوا لاءِ ٻيو لفظ 'ڦَڪي' استعمال ٿيندو آهي. ڦڪي لفظ وسيع معنيٰ رکي ٿو. اڄ بہ گهر ۾ وڏڙيون ٽڪي، ڦوٽي، سنڍ وغيره کي پيهي رکنديون آهن. ان کي 'ڦڪي' چئبو آهي.

تـون حـبـيـب، تـون طـبـيـب، تـون دارون کـي دردن،
تـون ڏيـيـن، تـون لاهـيـن، ڏاتـر! کـي ڏکـنـدن،
تڏهِن ڦڪيون فرق ڪن، جڏهِن اَمر ڪرهو ان کي.
(يمن ڪلياڻ — 4/1)

مرهم پٽي يا دوا لاءِ ٻيو استعمال ٿيندڙ لفظ ڊب آهي، جنهن جي شاهہ سائين، تصغيري صورت 'ڊبڙا' استعمال ڪري ٿو:

تـن طـبـيـب نـہ تـون، سُـڌ نـہ لـهـم سُـور جـي،
سـانـڍ پـنـهـنـجـا ڊَبـڙا، ڪـڏ ڪـٽـي ۾ پُـون،
ڪـانـہ گـهـرجـي مـون، حـيـاتـي هـوتـن ري.
(يمن ڪلياڻ — 1/2)

هُـئـيـن تـہ ويـڄـن وٽ، تـون ڪـي جـي جَـڏو ٿـيـيـن،
سـر ڏيـئـي ۾ سَـٽ، ڪُـہ نـہ ڪـيـيءِ ڊبـڙا؟
(يمن ڪلياڻ — 16/2)

بيماريءَ مان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ علاج سان گڏوگڏ احتياط يا پرهيز بہ ضروري هوندي آهي. پرهيز ڪرڻ کي 'ڪِري ڪرڻ' بہ چئبو آهي. 'ڪِري ڪرڻ' جو مطلب هوندو آهي، هر ان شئيءَ کان پري رهڻ، جنهن جي معالج منع ڪئي هجي ۽ هر ان ڳالهہ تي سختيءَ سان عمل ڪرڻ، جنهن جو طبيب مشورو ڏنو هجي. اهو عمل عموماً





مشڪل هوندو آهي. مثلاً: شگر (Diabeties) جي مرض جو هڪڙو سبب مٺاڻ گهڻو واپرائڻ آهي. ان تي ضابطو تڏهن ممڪن آهي، جڏهن دوائن سان گڏ ڪِري ڪجي يعني مٺاڻ کان بلڪل پري رهجي، جيڪو ان جي عادي ماڻهن لاءِ مشڪل هوندو آهي. تڏهن شاهہ سائين، چوي ٿو تہ، ويڄ ٻلي وَس ڪن، پر ڪِريءَ کان سواءِ چڱو ڀلو ٿيڻ مشڪل آهي:

ويـڄـن سـيـن وائـي پِـئـا، ڪِـري نـہ ڪِـئـائـون،
جـي پـنـڌ پـارئـائـون، تـہ سِـگـهـائـي سَـگـهـا ٿـئـا.
(يمن ڪلياڻ — 2/2)

آهـي گـهـڻـو اگـهـن جـو، تـرس طـبـيـبـن،
ڪِـئـو وس ويـڄـن، تـان ڪِـري ري ڪـيـن ٿـيـي.
(يمن ڪلياڻ — 4/2)

## ڪنيارن جي ٻولي:

شاهہ عبداللطيف هر پورهئي ۾ عظمت ڏٺي آهي. ان ذريعي انسان کي پنهنجي زندگي سنوارڻ جو درس ڏنو اٿس. ڪنيار جي نهائين (ڀَٽي)، جنهن ۾ هو ڪچا ٿانو وجهندو آهي، اهي تڏهن صحيح پچي ٻاهر نڪرندا، جڏهن باهہ جي ٻاهر ٻاڦ بہ نہ نڪري، ٻاڦ نڪتي تہ، ٿانوَ پيلا رهجي ويندا، جيڪي جٺاءُ ڪري نہ سگهندا. ان ذريعي انسان کي نينهن جي سَختين سَهڻ جي هدايت ڪئي اٿس.

نِهائينءَ کان نينهن، سک منهنجا سپرين،
سـڙي سـارو ڏيـنـهـن، ٻـهـر ٻـاڦ نـہ نـڪـري.
(رپ — 11/2)

اهو سڀ ڪجهہ مشاهدي ۽ گهري سوچ کان سواءِ ممڪن ڪونهي. هر پورهئي جي باريڪين جو جهڙيءَ طرح ذڪر ڪري ٿو، اُهو، اِهو ثابت ڪري ٿو تہ، شاهہ سائين، جتي بہ گهڙي پل ويٺو، جتي بہ ويو، اتان جي هر شئي کيس متاثر ڪيو. وٽس بيان جو ڪمال آهي، جنهن ذريعي هُو بظاهر غير اهم شين مان بہ اهميت وارا پهلو ڪڍي اچي ٿو. ڪنيار مٽيءَ مان ٿانو ٺاهي، نهائينءَ ۾ پچائيندا آهن. پچڻ کان پهرين ٿانون کي 'ڪَچو' ۽ جيڪڏهن صحيح نہ پچن تي انهن کي 'پيلو' چيو ويندو آهي. ڪچا ۽ پيلا ٿانو، پاڻيءَ جي سَٽ سهي نہ سگهندا آهن. ان ۾ ٻُري ويندا آهن. سهڻيءَ کي بہ ڪچي دلي ٻوڙيو، ان ڪري شاهہ سائين، خبردار ڪري ٿو:



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪڇو ڪان ڪنيار، اوڳي! ڳنئو اُتيين،
ڪِ تو ڪنين نہ سُئي؟ پيلي تي پُلڪار،
لوڙهئا لڪ، لطيف چي، ڪوڙيين ڪارنيار،
اُڪاريين آڏار! آرا آڪي واريين.

(سهڻي – 6/8)

ڪنيار، مٽيءَ مان ٿانو ٺاهي، انهن تي گَهري ناسي ڳاڙهي رنگ سان سهڻا گل چِٽ ڪيندا آهن. انهيءَ رنگ کي ڪنيارڪي ٻوليءَ ۾ 'ڏاءُ' چيو ويندو آهي. ان 'ڏاءُ' جو ذڪر بہ، شاهہ سائين جي شاعريءَ ۾ ملي ٿو:

پايم تہ پيلو، مون کي ڏاءَ ڏتارئو،
آڪي مٽي اُسري، روح ڏنو ريلو،
تيلاهِم ويلو، پئم واهڙ وچ ۾.

(سهڻي – 10/8)

ڪديئا جي ڪُلال، سي پَسي خال خوش ٿيي،
پاٽي چِٽ پُسائيا، ڏاءَ نہ جهلي ڏمال،
سپڪ پانيا سوهڻي، جوين جي جمال،
آڪي جا احوال، معلم ٿئا مهراڻ ۾.

(سهڻي – 11/8)

جيئن مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي تہ، جنهن بَٺيءَ ۾ ڪنيار ٿانوَ پچائين، ان کي 'نِهائين' چوندا آهن. هو ڪيترائي ٿانو ٺاهيندا آهن، جن جا الڳ الڳ نالا آهن. جيڪڏهن گهڻن ٿانون جي ڳالهہ ڪرڻي هجي، ڪنهن هڪ ٿانو جو نالو نہ ڪٽڻو هجي، تہ پوءِ ڪنيار ٿانون کي 'رَڇ' بہ سڏيندا آهن.

پَڪا رَڇ ڪنيار جا، پڪي نيهائين،
مون کي تِئائين، پيلو پاڳي آئيو.

(سهڻي – 14/8)

نهائين ۽ رڇ جو ذڪر سُر رپ ۾ بہ ملي ٿو، جتي شاهہ سائين، نهائين وانگر نينهن کي ڍڪڻ جي ڳالهہ ڪري ٿو، ۽ ڪنيارن جي ڪم مان سکڻ جي تلقين ڪري ٿو:





نيڻ نِهائينءَ جان، ستي لوڪ ڏڱئا،
اُجهامئو پران، توکي سارئو سپرين.

(رپ – 10/2)

نينهنُ نهائينءَ جان ڍَڪِئو ڪوهُہ نہ ڍڪين،
ڄر ڄيري ڇَڏِي، تہ ڪيئن پچندا ٿانءَ،
سَندي ڪنياران، ڪَنَ ڪريجا ڳالهڙي.

(رپ – 12/2)

نينهن نِهائينءَ جيئن، ڍَڪئو ڪوهہ نہ ڍَڪيين،
ڄَر ڄيري ڇڏي، تہ رڇ پچندا ڪيئن،
تون پڻ ڪرج تيئن، جيئن ڪنيار ڪرين ڪم سين.

(رپ – 13/2)

## ڪاپائتين/ ڪورين جي ٻولي:

سنڌ ۾ وونئڻن جو فصل هتي پلو ٿئي ٿو، ان ڪري ڪتڻ جو پورهئو بہ هتي پراڻي زماني کان موجود آهي. موهن جي دڙي مان چرخي جي ملڻ مان اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ ان زماني ۾ بہ گهرن ۾ ائٽ هوندا هئا ۽ ڪاپائتيون سٽ ڪتينديون هيون. شاهہ سائين، هن پورهئي ۾ استعمال ٿيندڙ شين ۽ ڪپهہ مان سُٽ ٺهڻ تائين جي سڄي عمل کي ظاهر ڪندڙ لفظن ۽ محاورن کي محفوظ ڪيو آهي. اڄ اهي شيون عجائب خانن ۾ بہ ڳوليو نٿيون لڀن. ان ڪري انهن سان لاڳاپيل ٻولي بہ ختم ٿي وئي آهي.

هر پورهئو ڪندڙ جو نالو، سندس پورهئي جي نالي مان نڪتل هوندو آهي. شاهہ سائين، ڪتڻ وارين کي ڪاتار ۽ ڪاپائتي سڏي ٿو. سُٽ جي خريدار کي صَراف، چرخي هلائڻ کي 'پيرڻ' ۽ سُٽ ۾ ڪنهن عيب کي 'ڏئار' چوي ٿو. اهي سڀ لفظ ڪورين يا ڪاپائتين جي ٻوليءَ سان واسطو رکن ٿا.

توٽي تون ڪاتار، جَم هيڪلي پيريين،
ڏني ڪا ڏئار، صَراف تنهنجي سٽ ۾.

(ڪاپائتي – 1/1)

تو هتڙا سون جا، ڪوهہ نہ ڪتين رَڏِ،
ويهي ڪاپو ڪريين نہ ڪنڌ ۾، ڪتيون ڳالهيون ڇڏ،

تہ صَرافاٽي سڌ، مرڪئو هوند متائيين.

(ڪاپائتي – 11/1)

شاهہ سائين وٽ پورهيت جي وڏي عزت آهي. سندس هٿن ڪي سون جهڙا ٿو سڏي، جيڪي محنت ۽ محبت سان پورهئو ڪن ٿا، تن ڪي اجورو بہ اوترو ئي ملي ٿو. انهن ڪي ململ مان سون حاصل ٿئي ٿو. تنبائڻ، پِجائڻ، لسي تند ڪتڻ، ڪاپائتين جي ٻوليءَ جا لفظ آهن.

تُنبائي تاڪيد سين، جن پجايو پاءُ،
لسي تند لطيف چئي، هلي تن هٿان،
مَلمل منجهان ماءِ، جي سڪيون تن سون ڪِئو.

(ڪاپائتي – 23/1)

چرخي ڪي ارٽ ۽ ائٽ بہ چئبو آهي. ڪوري ڪپهہ جون ننڍيون ننڍيون ڳوڙهيون ٿاهي رکندا آهن. انهن ڪي پَهي چئبو آهي. ڏاڳو يا تند جيڪا ارٽ ڪي چوڏاري ويڙهجي، ان ڪي ڪاتار مالهہ چوندا آهن. شاهہ سائين جي شاعريءَ ۾ ڪاپائتين جي ٻوليءَ جو استعمال ڏسو:

چرخو چوري هٿ ڪر، هيءَ هڏ وهاٽي،
ڪاپائتي سيڪا، ڪَتي سيباٽي،
ڄاتو جن ڄاٽي، تن پَهي هٿان نہ ڇڏي.

(ڪاپائتي – 3/1)

اڄ پڻ اُجهڻ ڪي مَرين، نڪي ڪِتئي ڪالهہ،
ارٽ اوڏيائي نہ وَهين، محڪم وٺيين نہ مَالهہ،
پوري! تو سين پال، ڪانڌ ڪريندو ڪيترا.

(ڪاپائتي – 8/1)

ماهر ڪاپائتيون سنهو سُٽ ڪتينديون آهن. اهو پنهنجي نفاست ۽ نزاڪت ڪري وڏيڪ قيمتي هوندو آهي. جڏهن تہ سيڪڙاٽ ڪاپائتيون ٿُلهو ڪتينديون آهن، جن ڪي شاهہ سائين، رَنديا روڙڻ چوي ٿو. شاهہ سائين، ٿلهي يا سنهي سُٽ ڪي نٿو ڏسي، هو تہ پيار سان پورهئي جو قائل آهي. هن وٽ انسان جي سچائيءَ جي اهميت آهي.

ٿُلهو سَنهُو اڳِهئو، ڪِي جو ڪِتَائِين،





تہ مَرَڪِئو مَتِئَائِين، صباح وِڃ سَرَتيين.

(ڪاپائتي – 12/1)

جي سَنهو نہ سڪي، تہ مَر رَنديا ئي روڙي،
سٽ اُنهيءَ جو سيد چئي، وِئا ترازيءَ توري،
ٿلهي ۽ توري، ويچاريءَ سين وڙ ٿئو.

(ڪاپائتي – 20/1)

ڪپهہ جي پَهين ڪي شاهہ سائين، ’پوٽيون‘ بہ سڏي ٿو:

پَلِيءِ پايو پُوٽيون، در در پيرا ڏي،
ڪَا مُون ڪَتائي، ڪاپائتي آهيان.

(ڪاپائتي – 29/1)

سٽ ٺاهڻ ڪان پوءِ جنهن اوزار تي ويڙهيو ويندو آهي، ان ڪي ’اوبڻ‘ چئبو آهي. شاهہ سائين، هن سُر ۾ ڪتڻ جي پورهئي جي زوال جي ڳالهہ بہ ڪئي آهي، جنهن ڪري ڪتڻ جو سامان بہ تباهہ پيو ٿئي.

ڪيڏانهن ڪَتَڻَ وارِيُون، اولاٽينَ اَرٽَ،
لُڙجَن لاڪيٽِينُ جوُن، پَهيوُن مَٿي پَٽَ،
اوبَڻُ ۽ اَرٽَ، ڇڏي پيٽِيوُن چَپرَين.

(ڪاپائتي – 33/1)

ڊاڪٽر فهميده حسين سُر ڪاپائتيءَ ۾ شاهہ سائين طرفان پيش ڪيل ڪتڻ جي پورهئي بابت لکي ٿي:

”شاهہ صاحب، سُر ڪاپائتيءَ ۾ پورهيت عورتن جو محنت ۽ محبت سان ڪپاهہ مان سُٽ ڪتڻ جو ذڪر ڪيو آهي. ان ۾ آٽڻ ۾ ويهي چرخو چورڻ جو ذڪر آهي. جيستائين سگهہ آهي، تيستائين حرڪت ۾ رهڻ جو ۽ دل سان ڪم ڪرڻ جو ذڪر آهي. سنڌ جي سماج ۾ ويجهي ماضيءَ ۾ بہ عورتون اسر جو اٿي آٽڻ ۾ اچي ويهي سُٽ ڪتڻ، ان جا ڦورا ٺاهڻ، اڏا اٽڻ ۽ چرخو هلائڻ جو ڪم ڪنديون هيون. لڳي ٿو تہ شاهہ صاحب انهن جي پورهئي ڪي ڏاڍي توجهہ سان ڏٺو آهي.“[13]



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

## ڪاسائين جي ٻولي:

ڪنهن بہ حلال جانور يا پکيءَ کي ڪُهندڙ کي ڪاسائي چئبو آهي.

ڪاتي جا قريب جي، سا هڏ چيري چمَ،
عاشقن پنهنجو انگ، الله ڪارڻ وَڍيو.
(ڪلياڻ – 13/2)

ڪاتي جن ڳري، مان لنوءُ لڳو تن سين،
محبت جي ميدان ۾، وڃان پير پري،
آڏي سِرُ ڌري، مانَ ڪهنهون سپرين.
(ڪلياڻ – 16/2)

شاهہ سائين، هن پورهئي جي ٻوليءَ مان صرف ڪاتي ۽ ڪُهڻ جو ئي ذڪر ڪيو آهي. ڪاتي گهڻو استعمال ٿيڻ ڪري، مُڏي تي ويندي آهي. شاهہ سائين، سُر ڪلياڻ ۾ مُڏي ڪاتيءَ جي ڳالهہ ڪري ٿو تہ، جيئن پرينءَ جا هٿ ڪجهہ دير منهنجي جان تي رهن.

ڪاتي تکي مَ ٿيي، مَرُ منيائي هوءِ،
مان ورمن توءِ، مون پريان جا هٿڙا.
(ڪلياڻ – 12/2)

وري سُر بروو سنڌيءَ ۾ تکي ڪاتيءَ جي تمنا ڪري ٿو:

ڪِئان سکيين سپرين، ڪاسائيءَ کي ڪار،
تکي ڪاتي هٿ ڪري، مُنيءَ سين مَ مار،
چيري چاڪ نهار، سُرَن سانگهيڙا ڪِيا.
(بروو سنڌي – 5/2)

## ڪلاڙن جي ٻولي:

جيتري قدر سنڌي سماج ۽ ثقافت جو تعلق آهي، ان ۾ شرابخانہ ۽ شراب چڪائيندڙ ڪوئي مستقل مقام نٿا رکن، نہ ئي ڪنهن خاص علامت جي نمائندگي ڪن ٿا، جيئن فارسي ادب ۾ آهي. شاهہ سائين، سُر ڪلياڻ ۽ يمن ڪلياڻ ۾ ڪلاڙکي ڌنڌي جو چڱو ذڪر ڪيو آهي. ان جا بہ سبب ٿي سگهن ٿا، هڪ تہ، موکي ۽ متارن جي قصي ۾ شراب جو ذڪر اچي ٿو، ٻيو جيئن صوفي شاعرن شراب کي الاهي عشق جي علامت ڪري پيش ڪيو آهي. شراب چڪائيندڙ انهن لاءِ ڪامل مرشد آهن، جيڪي انهيءَ





عشق جو شراب پيارين ٿا. تيئن شاهہ سائين بہ، شراب کي الاهي عشق جي علامت ڪري پيش ڪري ٿو. شراب لاءِ ڪيترائي نالا سندس شاعريءَ ۾ ملن ٿا.

ناٿي ناهِ ڪَڪوهہ، ڪين مُلِ مهنگو منڌ؟
سنباهج سيد چي، ڪاتڻ ڪارڻ ڪنڌ،
هي تنين جو هنڌ، متن پاس مَرن جي.
(ڪلياڻ – 22/2)

مَ ڪر سَڌ سَري جي، جي تون تاريين توهہ،
پيتي جِنهن پاسي ٿيي، منجها رڳن روحُ،
ڪاتي چڪ ڪڪوهہ، لاهي سِر لطيف چئي.
(ڪلياڻ – 24/2)

ڪڪوهہ، منڌ ۽ سَرو اهي ٽيئي لفظ شراب جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيل آهن. اهڙيءَ طرح سان، شاهہ سائين، ڪلاڙن جي ٻَنين جا بہ گهڻا نالا استعمال ڪري ٿو. ان لاءِ ڪلاڙکي ڪاتي، ڪلاڙکو هٽ ۽ ڪلاڙکي ڪُوءِ لفظ استعمال ڪيا اٿس. سُرڪ جي معنيٰ ڍُڪ آهي، پر هتي ان جي معنيٰ شراب جو ڍُڪ ٿئي ٿي.

جي اٿي سِڪ سُرڪ جي، تہ ونءُ ڪلاڙن ڪاتي،
لاهي رک لطيف چي، مَتو وٺ ماتي،
تِڪ ڏيئي پڪَ پي تون، گهوٽ منجها گهاتي،
جو وَر نہ وهاتي، سو سِر وٺ سَو ساهنگو.
(ڪلياڻ – 18/2)

جي اٿي سَڌ سُرڪ جي، تہ ونءُ ڪلاڙکي هٽ،
لاهي رک لطيف چي، متو ماتي وٺ،
سر ڏيئي ۾ سٽِ، پيج کي پيالِيون.
(ڪلياڻ – 19/2)

جي اٿي سَڌ سُرڪ جي، تہ وَنءُ ڪلاڙکي ڪُوءِ،
مهيسر جي مَدَ جي، هُت هڏهين هُوءِ،
جان رمز پَروڙيم رُوءِ، تان سِروٽ سُرکي سَڳٽي.
(ڪلياڻ – 20/2)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

شاهه سائين، مٿئين بيت ۾ ’مهيسر‘ کي بہ شراب پياريندڙ جي معنيٰ ۾ استعمال ڪيو آهي. ڊاڪٽر گربخشاڻي صاحب جو خيال آهي تہ، اهو لفظ اصل سنسڪرت لفظ مَهيشور مان نڪتل آهي.

”مهيسر (سنسڪرت مَهيشور. مَها = وڏو + ايشوري = ڏڻي) شِوُ. شِو کي پيرَئُن بہ ڪري سڏيندا آهن. گتيوال ان جي پوڄا ڪندا آهن ۽ ڪيس شراب جو ديوتا ڪري سمجهندا آهن.“(14)

سنڌيءَ ۾ ڪيترائي اصطلاح آهن، جن ۾ شراب جو نالو نہ ورتو ويندو آهي، پر ان جو مطلب شراب (يا ڪا ٻي نشي آوري شئي) پيئڻ هوندو آهي، جيئن پياليون يا پيالو پيئڻ:

قاتل ڪمائي ڪري، وِهُ ماکي جي ڪنِ،
وتا ويهي تن، پيچ ڪي پياليون.
(يمن ڪلياڻ — 6/4)

اهڙيءَ طرح وٽيون پيئڻ جو بہ ساڳيو ئي مطلب آهي:

گهٽن ۾ گهٽڪَن، وٽيون پيِن وِهُ گاڏيون،
برخيز بِده ساقي، پيار ڪي پِريَن،
پِڪين نہ پرچن، مَٽ تڪيائون منجهيان.
(يمن ڪلياڻ — 9/4)

مٿئين بيت ۾، شاهه سائين، فارسي لفظ ’برخيز بِده ساقي‘ استعمال ڪيا آهن، جن جي معنيٰ آهي، ”اٿ ڏي، اي ساقي!“.

هر وٽيءَ ۾ جدا شراب آهي، هر مٽ ۾ شراب جو الڳ قسم پيل آهي، جنهن سان ڪَلاڙ پياڪن کي خوش ڪري ٿو. تڏهن وڃي پياڪن کي ڪلاڙ جي ڪيف جو قدر ٿئي ٿو. هينين بيت ۾ منڌُ، ڪيف، ڪلاڙ، پياڪا، سُرڪ لفظن جو تعلق ڪلاڙن جي ٻوليءَ سان آهي.

وَتَ وَتَ وٽي ۾، مَٽ مَٽ مَنڌُ پئو،
قدر ڪيف ڪلاڙ جو، پياڪن پئو،
اڃن دُرس دڪان تي، ڪنڌ قبول ڪِئو،
سُرها سِر ڏئو، چکن سُرڪ سيد چي.
(يمن ڪلياڻ — 21/4)





## مڱڻهارن جي ٻولي:

شاهه سائين کي موسيقيءَ سان پيار هو، پاڻ موسيقيءَ جي ڄاڻ رکندو هو. دنبورو سندس ايجاد آهي، جيڪو ان ڳالهہ جو ثبوت آهي تہ، شاهه سائين، وڏو موسيقار بہ هو. ڪيس فنڪارن لاءِ عزت هئي. سنڌ ۾ ڀٽن، ڀانن جو ذڪر تاريخي ڪتابن ۾ ملي ٿو، جيڪي قصا هڪ جڳهہ کان ٻي جڳهہ تائين پڌائيندا هئا. اُهي پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري، داد يا انعام وٺندا يا گهرندا هئا، اُن ڪري انهن کي مڱڻهار يا منگتو بہ سڏيو ويندو آهي.

شاهه سائين، فنڪار کي ڪيترن ئي نالن سان سڏي ٿو. سندس شاعريءَ ۾ فنڪار لاءِ مڱڻهار، جاجڪ، ڀارٽ، لنگهو، مڱڻو، تنبير، چارڻ، ربابي، قوال، عطائي، ميراثي ۽ راڳائي نالا ملن ٿا. هيٺ شاهه سائين جي رسالي مان اهڙي ڪجهہ بيت پيش ڪجن ٿا، جن ۾ فنڪار لاءِ مختلف نالا ۽ مڱڻهارن جي ٻوليءَ جا ٻيا لفظ ڪم آندل آهن:

مانَ پڇنئي سپرين، چِتا ڇُر مَر لاهِہ،
پرين اڳئا پاءِ، پلءُ مڱڻهار جنءَ.
(سريراڳ — 2/1)

سبڙ ساهہ پساهہ، جاجڪ جِمر وِساريين،
ريهي رُپي سَنديون، تندون تنبي کي پاءِ،
لنگها تون ليلاءِ، اڳئان اُنڙ ڄامَر جي.
(جاجڪاڻي — 2/1)

ايءَ نہ ڀانن ڀير، جيئن ڪيريءَ ٽنگين ڪينرو،
سبڙ جي سَلام سين، وجهي وينين وير،
توکي چوندو ڪيرُ، ڪيرت ڏاران مڱڻو.
(جاجڪاڻي — 30/1)

ڪاڏي سي تُنبير، جن ريجهايو راڄئو،
وئا وڏيءَ وير، ڪُلهن مٿي ڪينرا.
(جاجڪاڻي — 40/1)

مٿين بيتن ۾ ڳائٽي جي نالن کان سواءِ، مڱڻهارن جي ڪِرت سان وابستہ ٻوليءَ جا



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ٻيا بہ لفظ استعمال ڪيا ويا آهن. سازن ۾ تارون پيل هونديون آهن، جيڪي وڄنديون آهن. انهن کي ’تندون‘ چئبو آهي، ڪينرو، تنبورو يا سُرندو سازن جا نالا آهن. ’ڪيرت‘ جي معنيٰ راڳ يا آلاپ آهي.

شاهہ سائين، موسيقيءَ جي سازن، چنگ ۽ ڪماچ جو ذڪر بہ ڪيو آهي. ڪماچ، رُباب جهڙو ساز ٿيندو آهي. رُباب چئن تارن وارو ساز آهي، جنهن سان شاهہ سائين، سُر ڪلياڻ ۾ رڳن ڪي پيٽ ڏني آهي. ”رڳون ٿيون رُباب، وڄن ويل سپڪنهن.“

تو در آيس راڄيا، ٻئا در ڏيئي ٻَن،
ڪَهان جو ڪُماچ سين، سو سڻ سڀاجهي ڪنّ،
جا مگ مهجي من، سا توکي معلم سيڪا.
(سورٺ — 12/1)

چارڻ! تنهنجي چنگ جو، عجب آهم اي،
هٿي اُيو هتن سين، جيرو رکئو جي،
رات مهجو ري، ڪاٽئو تو ڪماچ سين.
(سورٺ — 3/4)

ساز، جيئن تہ وڄندو آهي، ان ڪري ان کي ’واڄو‘ بہ سڏجي ٿو. اهڙو ساز جنهن راءِ ڏياچ کي سِر ڏيڻ تي مجبور ڪيو، ان جي اهميت بيان ڪرڻ لاءِ شاهہ سائين، ان کي ’واڄو ولاتي‘ يعني ولايت مان آيل واڄو سڏي ٿو. ۽ ان جي وڄائيندڙ يعني ٻيجل کي پارس سڏي ٿو.

ڪنجهي ڪيرت ڪينرو، واڄو وِلاتي،
هنئي تند حضور ۾، تہ پارس پيراتي،
ڏسنده ڏياچ کي، ظاهر ٿئو ذاتي،
ڪدي تہ ڪاتي، وڏو ڪرت ڪپار ۾.
(سورٺ — 11/4)

جنهن وسيلي سان انسان کي روزي حاصل ٿئي، ان سان پيار فطري آهي. جن شين سان انسان کي پيار هجي، هو انهن کي سينگاريندو آهي، سجائيندو آهي. ساز سرندا مڱڻهارن جو شوق بہ آهن، تہ انهن جي ذريعي ڪين روزي بہ ملي ٿي. ان ڪري هُو





انهن کي سينگاريندا آهن. شاهہ سائين، سينگار جي ان سامان ٿوئرَن (جهوڙن)، گهنگهٽن (جهائين) جو ذڪر بہ ڪيو آهي.

الله جي آس ڪري، هلئو هئائين،
چارڻ ٻڌا چنگ کي جهوڙا ۽ جهائين،
ڏئلي راءِ ڏياچ جي، ڏورا ڏنائين،
وهنتي واحد در، تہ وير ڪِئائين،
”سڀاجها سائين! راءُ ريجهايين راڳ سين.
(سورٺ — 1/1)

ساز مان نڪرندڙ سُر سحر طاري ڪري ڇڏيندا آهن. ٻيجل تہ اهڙو چارڻ هو، جنهن جي سُر سان سڄي شهر ۾ هلچل مچي وئي. هيٺيون بيت پڙهو ۽ ڏسو تہ ڪيئن شاهہ سائين، لفظن ذريعي اوهان کي موسيقيءَ جي سحر انگيز دنيا ۾ وٺي وڃي ٿو:

جاجڪ جهونا ڳڙهہ ۾، ڪو عَطائي آيو،
تہ ڪامل ڪدي ڪينرو ويهي وڄايو،
شهر سڄو ئي سُر سين، تندن تپايو،
دايون دَرمانديون ٿيون، ٻاين ٻاڏايو،
چارڻ تي چايو، تہ ماري آهي مڱٽو.
(سورٺ — 1/2)

شاهہ سائين، نہ صرف مڱڻهارن جي ٻوليءَ کي استعمال ڪيو آهي، پر موسيقيءَ جا آوازي عڪس (Auditory images) بہ محسوس ڪرايا آهن. آوازي عڪس جي باري ۾ ڊاڪٽر تنوير عباسي لکي ٿو:

”آوازي عڪس ڪنين ٻڌل آوازن جي تاثر کي اهڙيءَ ريت بيان ڪرڻ جو فن آهي، جو ٻڌل آواز جي يادگيري ٻيهر پيدا ٿي پوي ۽ اهو آواز ۽ ان جو تاثر ٻيهر ڪنن ۾ ٻُرڻ لڳي.“[15]

سُر سورٺ جو هيٺيون بيت پڙهو:

تان نہ آهي تند جو، رون رون ڪري راز،
هٿندڙ سندا هٿڙا، سيڪو چئي ساز،
سٽ ڏيئي شهباز، تي تہ توڪ پرائيين.

(سورٺ — 4/4)

'تان' ڳائڻ جو اصطلاح آهي. هڪ کان وڌيڪ سُرن جي هيٺ ۽ مٿي ڳائڻ کي 'تان' چئبو آهي. مگڻهارن ۾ موسيقيءَ جي ٻوليءَ سان تعلق رکندڙ ڪجهه لفظن ۽ اصطلاحن کي هيٺين بيتن ۾ به ڏسي سگهجي ٿو:

نِرتي تند نياز سين، ٻيجل ٻُرائي،
راڄا رتولن ۾، ورنائي وائي،
ڪوٺايائين ڪوٽ ۾، ٻارٿ ٻاجهائي،
راڄا راڳائي، هَر دوئي هيڪ ٿئا.

(سورٺ — 3/2)

سَو سرن پائي، جي تند برابر توريان،
اٿل اوڏاهم ٿيي، جيڏاه ٻيجل ٻُرائي،
سڪٽو هڏ آهي، سِر ۾ سَڄڻ ناهه ڪين.

(سورٺ — 14/3)

مجموعي طرح سان، اسان چئي سگهون ٿا ته، شاهه سنڌ جي هر علائقي جو شاعر آهي، هن نه صرف سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ گهمي، پر اتان جي ماڻهن سان رِلي مِلي ويو. انهن جي ٻوليءَ کي شاعريءَ ۾ استعمال ڪيائين، جنهن سان سنڌي ٻوليءَ جي وسعت ۾ اضافو آيو. سندس نظر ۾ پورهئي ۽ پورهيت جي تمام گهڻي عزت هئي. هن لاءِ سچائيءَ سان پورهئو ڪندڙ کان وڌيڪ ڪوئي معتبر ۽ معزز نه هو، پورهيت جا هٿ مٿيءَ کي سون بڻائين ٿا. اڄ سنڌ جو هر ماڻهو شاهه سائين سان محبت ڪري ٿو، ان جو سبب اهو آهي ته، هو پنهنجي زندگيءَ جي عڪاسي، پنهنجي ٻوليءَ ۾ شاهه جي رسالي ۾ ڏسن ٿا.

## حوالا


1. Scott, Carr, Wilkinson, 'Language and its growth', Scott, foresman and company, Chicago, 1935, P:26.
2. Carroll, John. B., 'The Study of language', Harvard University Press, Cambridge, 7th Edition, 1968, P:101.
3. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، 'سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس'، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، 2005ع، ڇاپو: ٻيو، ص:143.







4. عباسي، تنوير، 'شاهه لطيف جي شاعري'، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 2000ع، ص:111.
5. ايضاً، ص:112.
6. حوالو در حوالو، ايضاً، ص:113.
7. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، 'سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا'، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، 2006ع، ص:234.
8. قاضي، علامه آءِ. آءِ.، 'شاهه عبداللطيف (دنيا جو بي مثال شاعر)'، مترجم: عبدالغفار سومرو، مهراڻ اڪيڊمي، ڪراچي، 1993ع، ص:42.
9. گربخشاڻي، هوتچند مولچند، 'شاهه جو رسالو'، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، 2008ع، ص:721.
10. لاشاري، ف-م، 'شاهه لطيف سماجي مفڪر'، ڪتاب: شاهه لطيف بحيثيت مفڪر، سهيڙيندڙ: آفتاب ابڙو، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، 1993ع، ص:206.
11. ايضاً، ص:205.
12. گربخشاڻي، هوتچند مولچند، 'شاهه جو رسالو'، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، 2008ع، ص:572.
13. حسين، فهميده، ڊاڪٽر، 'شاهه جي شاعريءَ ۾ عورت جو روپ'، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، 1993ع، ص:436.
14. گربخشاڻي، هوتچند مولچند، 'شاهه جو رسالو'، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، 2008ع، ص:393.
15. عباسي، تنوير، 'شاهه لطيف جي شاعري'، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 2000ع، ص:176.


Shah Abdul Latif Bhitai Chair